اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهہ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو_5

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

سرپرست
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

چيف ايڊيٽر
محمد سليمان طاهر انيڙ

ايڊيٽر
نور احمد ميمڻ

مشاورتي بورڊ
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

جمادی الاول ١٤٣١ ھہ مطابق مئی 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| اسماء الله الحسنيٰ... | حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه | 4 |
| طاغوتي قوتن سان جنگ جو دور ويجهو | مولانا سليمان طاهر انيڙ | 5 |
| نظرئي ۽ فڪر ۾ بقاءِ انفع جو اصول | مولانا محمد انس راڄپر | 7 |
| خدا جي دنيا | نثار احمد پناڻ | 11 |
| شرڪ- پنهنجي پاڻ جي پوڄا ڪرڻ | مولانا محمد سليمان طاهر | 12 |
| خواهشن کي خدا بنائيندڙ ماڻهو | نور احمد ميمڻ | 16 |
| آزاديءَ جو اڳواڻ صلي الله عليہ وسلم | مولانا عبداللطيف نانگراج | 17 |
| مشرقي ٻولين ۾ قرآن مجيد جا ترجما | علامہ عبدالله منهاس | 21 |
| آزاديءَ لاءِ سورهيہ بادشاهہ جو ڪردار | نور احمد ميمڻ | 24 |
| حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو سرگرميون | احمد علي شر بلوچ | 32 |

سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

## قرآن جي پڙهڻ جو حق

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ

”جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان کي ائين پڙهندا آهن جيئن انجي پڙهڻ جو حق آهي.“ (سوره البقره آيت 121 جو ٽڪرو.)

هن پاڪ آيت ۾ ڪن اهل ڪتاب جي واکاڻ ڪئي وئي آهي جو اهي پنهنجي آسماني ڪتاب توريت کي پڙهندا هئا ۽ ائين پڙهندا هئا جيئن پڙهڻ جو حق آهي. هن مان انهن مؤمنن جي واکاڻ بہ نڪري آئي، جيڪي هن آخري ۽ مڪمل آسماني ڪتاب جي پڙهڻ واري حق کي صحيح طرح ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

قرآن حڪيم جي تلاوت اسان جي دين ۾ اعليٰ درجي واري عبادت ڳڻي ويندي آهي. حضور پنهنجي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو آهي تہ قرآن جي تلاوت مهل هڪ هڪ اکر تي ڏهن ڏهن نيڪين جو ثواب ملندو آهي. هڪ ٻئي ارشاد ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن قرآن جي تلاوت کي الله تعاليٰ سان ڳالهائڻ سان نهرايو آهي. فرمايو اٿن تہ جيتري دير ٻانهو قرآن جي تلاوت ۾ رڌل رهندو آهي تہ الله تعاليٰ ان ڏانهن رحمت جي نظر ڪندو رهندو آهي. پر ظاهر آهي تہ اهي پلايون ڪامل طرح ان شخص کي ملنديون آهن جيڪو صحيح معنيٰ ۾ ڪلام پاڪ جي تلاوت جو حق ادا ڪندو آهي.

قرآن پاڪ جي پڙهڻ جو حق ڇا آهي؟ هن سوال جو جامع جواب ڏنو وڃي تہ هيئن چوڻو پوندو تہ اهو حق ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي. ظاهر جو حق، باطن جو حق ۽ عمل جو حق. ظاهر جو حق هي آهي تہ قرآن حڪيم کي لفظي صحت سان پڙهيو وڃي ۽ حرفن کي انهن جي صحيح مخرجن مان ڪڍڻ جو ملڪو پيدا ڪجي. باطن جو حق هي آهي تہ لفظن جي ادائيگي سان گڏوگڏ انهن جي معنيٰ سمجهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وڃي، اها بہ ڄاڻ رهي تہ جيڪي پڙهي رهيو آهيان، ان جو مطلب ڇا آهي ۽ هي ڪلام پاڪ مون کان ڪهڙي ڪهڙي ڳالهہ جي گهُر ڪري رهيو آهي. هن مقصد لاءِ پاڻ ان ٻوليءَ کي پرائجي جنهن ۾ قرآن حڪيم لٿو آهي، پوءِ تہ اهو سوني تي سهاڳي وانگر آهي، پر جي ان جي همت نہ ساري سگهجي تہ ان سلسلي ۾ اعتبار جوڳن ترجمن ۽ تفسيرن مان مدد وٺڻ گهرجي. ڪلام پاڪ جي تلاوت جو ٽيون حق اهو آهي تہ ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪيو وڃي، ڇو تہ ان جي نزول جو مقصد تڏهن پورو ٿئي ٿو جڏهن انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ ان کان روشني پرائي وڃي.

اسان جي شخصي ۽ قومي نجات ۽ ڇوٽڪاري جو دارومدار هن ڳالهہ تي آهي تہ اسين قرآن حڪيم جي تلاوت جي انهن ٽنهي حقن کي ڪيستائين ادا ڪيون ٿا.

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

حديث ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:

”جدّدو ايمانکم ““ قيل کيف نجدّد ايماننا؟ قال: ““ اکثروا قول لااله الاالله ““ (مسند احمد)

يعني لااله جي ڪلمي جي ذريعي پنهنجي ايمان جي تجديد ڪندا رهو. انهيءَ حديثِ رسول ﷺ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪلمو ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن کي هڪ دفعو زبان سان پڙهيو وڃي ۽ پوءِ اهو هميشہ لاءِ ڪافي هجي، بلڪ وري وري پنهنجي زبان، دل جي حضور ۽ عملي زندگيءَ سان انهيءَ جي تجديد ڪرڻ ضروري آهي.

ڪلمي شهادت جي ذريعي انسان حلف کڻندو آهي تہ هو هاڻي پنهنجي مرضي، خواهشن ۽ غرضن هيٺ زندگي نہ گذاريندو. هو پنهنجي چوڌاري ناانصافين جي سيني علامتن کان بيزار رهندو. هو سيني قسمن جي غلامين کان آجو رهندو ۽ هڪ الله تعاليٰ جي لاءِ جيئندو ۽ مرندو ۽ انهيءَ جي عبديت ۾ ان جي پسند جي زندگي گذاريندو. اهو حلف وري وري ورجائڻ جي شيءِ آهي، انهيءَ ڪري پيغمبر اسلام انهيءَ کي قول ۽ عمل سان ورجائڻ جو حڪم ڏنو آهي.

هن حديث جو هڪ ٻيو پهلو آهي، جيڪو هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو: ”الاسلام يهدم مان ڪان قبله“ (صحيح مسلم) يعني اسلام، اڳ وارين ڳالهين ۽ شين کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندو آهي. هن معاملي جو هڪ پهلو اهو آهي، جيڪو ان وقت سان تعلق رکي ٿو جڏهن ماڻهو ڪلمو پڙهي مؤمن بڻيو هجي. انهيءَ جو ٻيو پهلو اهو آهي جيڪو بعد واري زندگي سان لاڳاپيل آهي. ايمان وارو بڻجڻ کان پوءِ ڪيترا ڀيرا ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهوءَ کان خطائون ٿي وينديون آهن، پوءِ ماڻهو محسوس ڪندو آهي تہ مان الله جي رحمت کان پري ٿي ويس. ان وقت مؤمن کي هيئن ڪرڻ گهرجي تہ هو پروردگار جي حضور ۾ ٻيهر زندهہ شعور سان ايمان جي انهيءَ حلف کي ورجائي ۽ الله کان دعا ڪري تہ اي منهنجا الله! منهنجي گناهن کي معاف ڪر ۽ پنهنجي حفاظت ۽ رحمت جي ڇانو ۾ وٺي اچ تہ جيئن مان مؤمنن جي جماعت ۾ شامل رهان.

عملي زندگيءَ ۾ مؤمن کي پنهنجي الله سان نماز ۾ پنهنجي ڪردار ۽ ڪسب جي رپورٽ پيش ڪرڻي هوندي آهي. جوابدهيءَ جو اهو احساس ماڻهوءَ کي ذميداراڻي زندگي گذارڻ جو پابند ڪندو آهي. جيڪو ماڻهو خدا رُخي زندگي گذارڻ چاهي ٿو تہ الله تعاليٰ بہ ان جي لاءِ دين تي هلڻ جون راهون سوليون ڪري ڇڏي ٿو.

*******

‘اَحدُ’ ‘اَحمَدُ’ پاڻَ ۾، وِچان ‘مِيم’ فَرَقُ

ٿِئا مُستَغرَقُ، عالِمَ اِنهين ڳالهِ ۾.

(شاهہ)



## اسماءِ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمه الله

### القدوس

اها ذات، جيڪا هر قسم جي ڪمي ڪوتاهي، حدوث ۽ امڪان جي لوازمات کان پاڪ ۽ هر ان وصف کان پاڪ هجي،جنهن کي انسان پنهنجي حواسن سان معلوم ڪري سگهي يا تصور ۾ آڻي سگهي. ۽ اها ذات، جنهن تائين ڪنهن جو بہ ڪو وهم يا گمان پهچي نہ سگهي ۽ نہ ئي اها عقل جي دائري ۾ سمائجي سگهجي.

هرچه انديشه پذيرد آن فناست
و آنچه دراندیشه ناید آن خداست

يعني، جيڪا شيءِ سوچ ۽ اندازي ۾ اچي وڃي، اها فاني آهي. ۽ جيڪا سوچ ۽ اندازي کان مٿي آهي، اها ئي تہ خدا جي ذات آهي.

### تعلق:

عارف جو هن اسم شريف سان تعلق هن واٽ سان جڙندو ۽ هن لاءِ الله جل جلاله جي بارگاه قدسي جو وصال ۽ قرب بہ اُن صورت ۾ ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن هو محسوسات جي عالم کان مٿانهون ٿي ۽ جسماني خواهشن کان ٻاهر نڪري.”غير“ جي نشان کان پنهنجي قلب جي ڦرهيءَ کي صاف ڪري ۽ پنهنجي باطن کي ”ماسوا الله“ کان ان حد تائين پاڪ ڪري جو رضاءِ الاهي کانسواءِ ٻي ڪا بہ خواهش منجهس باقي نہ رهي، سواءِ ديدارِ الاهي جي ٻي ڪنهن شيءِ جو شوق نہ هجيس، سواءِ ان ذات جي قرب ۽ ويجهڙائيءَ جي ٻي ڪنهن بہ شيءِ ۾ پنهنجي لاءِ ڪا خوشي ۽ فرحت محسوس نہ ڪري.

### تعبد:

عبدالقدوس: قدوس جو ٻانهو، اهو شخص آهي جنهن کان الله تعاليٰ سڀن ۽ خواهشن جا سڀ حجاب هٽائي ڇڏيا هجن ۽ ان جي قلب ۾ ”غير الله“ جي ڪا بہ گنجائش باقي نہ بچي هجي، فقط ۽ فقط هڪ الله جل جلاله ئي ان جي دل ۾ سمايل هجي ۽ بس. قدسي حديث ۾ آهي: ”لايسعنى ارضى ولا سمائى ولكن يسعنى قلب عبدى المؤمن.“ (الله جل جلاله فرمايو) مون کي نہ منهنجي زمين سمايو، نہ منهنجي آسمان مون کي سمايو، پر منهنجي مؤمن ٻانهي جي قلب مونکي سمائي ڇڏيو. ان ڪري جنهن ۾ حق (الله) سمائجي ويو، تہ اهو ”غير“ کان بيشڪ پاڪ ٿي ويو.

ايڊيٽوريل

چيف ايڊيٽر

# طاغوتي قوتن سان جنگ جو دور ويجهو

انسانيت هزارن سالن کان سفر ڪندي جنهن دور ۾ داخل ٿي آهي، اهو دور هڪ طرف علم، شعور، عالمي ڄاڻ، سائنس، ٽيڪنالوجي، معاشرتي سهولتن، خوراڪ، رهائش، نقل و حرڪت جي اڻ ڳڻ ذريعن سان گڏ هڪ شهر ۽ هڪ ڳوٺ جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. مگر ان سان گڏوگڏ جبر، ڏاڍ، ظلم، ناانصافي ۽ غلام بڻائڻ جا نت نوان حربا به پنهنجي اوج ۽ عروج سان قائم آهن.

دولت- پيداواري وسيلا ۽ عيش عشرت جون شيون جيتريون گهٽيون ۽ وڏي مقدار سان پيدا ٿي رهيون آهن، اوتروئي اهي شيون چند ماڻهن وٽ پهچن ٿيون، اتي ضائع ٿين ٿيون. ٿورا ماڻهو انهن مان فائدو وٺن ٿا ۽ گهڻا ماڻهو انهن کان محروم رهجي وڃن ٿا. محنت جو قدر ڪرڻ اڃان تائين انسان ناهي سکيو. اُپائيندڙ، ناهيندڙ ۽ جوڙيندڙ کي بدلو، اجرت ۽ معاوضو پوري طرح نٿو ڏنو وڃي. ناهيندڙ پنهنجي جوڙيل شيءِ کان پوري زندگي محروم بڻيل آهن. هڪ ٽيڪسٽائل مل جو ڪپڙو ٻاهرن ملڪن ۾ ايڪسپورٽ ڪيو وڃي ٿو، منع ٿيل آهي ته هڪ ميٽر به هتي مِل ۾ ڪنهن کي ڏنو وڃي. يا اهو اعليٰ ڪوالٽي جو ڪپڙو وڏن ماڻهن جو ويس بڻجي سگهي ٿو مگر ان مل ۾ هزارين مزدور، ان ڪپڙي جا جوڙيندڙ ان ڪپڙي پائڻ کان محروم آهن. اهڙي طرح هزارن فيڪٽرين ۾ ٺهندڙ هزارين شيون غريبن ۽ مسڪينن جي گهرن ڏانهن موٽن، اهي رانديڪا غريب ٻارن جي هٿن ۾ اچي سگهن، هزارين بيڪرين ۾ ٺهندڙ ڪيڪ غريب ٻارن ۽ محنت ڪندڙ عورتن جي چکڻ ۽ ذائقي لاءِ مهيا ٿي سگهن اها ته پري جي ڳالهه آهي، پر انهن غريبن جي چلهه ۾ 3 وقت اطمينان سان ٻاهه ٻري سگهي، هيئنر اهو به ممڪن نه رهيو آهي. ڇا هي دنيا ۽ هن دنيا جون سموريون نعمتون فقط چند ماڻهن لاءِ ٺهيون آهن؟ ۽ اهي فقط چند هٿن تائين ۽ چند گهرن تائين هجڻ گهرجن؟ ڪروڙين انسان هر سهولت، هر آرام کان محروم رهندا اچن. ڇا اهو استحصال ناهي؟ ڇا اها غلامي ناهي؟ ڇا اهو ظلم، ڏاڍ ۽ ناانصافي ناهي؟

هن سڄاڳي واري دور، فقط چند ماڻهن جي عياشي جو انتظام ڪيو آهي ۽ باقي ڪروڙين ۽ اربين انسانن کي فقط چڪيءَ وارو ڏاند بڻائي محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ڪين ايترو به اجورو نٿو ڏنو وڃي جنهن مان هو کاڌو، رهائش، چڱو پائڻ ۽ پهرڻ، علاج، تعليم ۽ روزمره جي شين کي سهولت سان پورو ڪري، پريشانين ۽ ڏکن کان محفوظ ٿي وڃن. اڄ جون رياستون ويلفيئر ڇو نه آهن؟ ڇو رياست جي شهرين کي جيڪڏهن هو معذور ۽ بي روزگار آهن ته انهن کي ماهوار ڪفالت ڪندڙ



وظيفو نٿو ڏنو وڃي، مستقل بيمار ۽ پوڙها انسان رياست جي همدردي کان ڇو محروم آهن، تعليم ۽ علاج ڪي ڇو مفت نٿو ڪيو وڃي، صحت، صفائي ۽ شاهراهن ڏانهن ڇو خيال نٿو ڪيو وڃي، تعليم يافته نوجوانن ۽ هُنري پورهيتن کي ڇو قدر جي نگاه سان نٿو ڏنو وڃي؟ اها شڪايت ڪنهن سان ڪجي، ڪير انهن اهم مسئلن ڏانهن متوجه ٿيندو! رياستن جا حڪمران بددیانت، مفاد پرست، ڌاڪو چور ۽ لٽيرا آهن، اهي فقط پنهنجي لاءِ، پنهنجي خاندان لاءِ ۽ پنهنجن ذاتي دوستن جي مفادن لاءِ سوچين ٿا ۽ انهن لاءِ سڀ ڪجهه ڪن ٿا، ان کان علاوه باقي عوام، ملڪ ۽ ڌتڙيل انسان نعري بازي لاءِ آهن. جمهوريت جو نعرو، عوام جي خوشحالي جو نعرو، بنيادي ضرورتن (ماني، ڪپڙو ۽ اجهو) جو نعرو دوکي ۽ فريب کان سواءِ ڪجهه به ناهي.

حڪمرانن جا پيٽ دولت سان پرجن ئي نٿا. هن ملڪ ۾ دولت جا انبار، غير ملڪي بئنڪن ۾ دولت جا انبار، دنيا جي هر ملڪ ۾ ماڙيون ۽ محلاتون. سندن اولاد ڪافر ملڪن ۾ رهي، پڙهي ۽ عياشين ۾ مبتلا ٿي ۽ پوءِ هتي اچي حڪمران بڻجي عوام تي ڦهر بڻجن ٿا. عالمِ اسلام هجي يا عالمِ انسانيت، هر جڳهه پيداواري وسيلن کي حڪمرانن جي عياشين لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. عوام هر جڳهه نڌڪو ٿي زندگي پيو گذاري. خاص طرح مسلم ملڪن جا حڪمران ۽ سرمائيدار ته ظالم وحشين وانگر عوام جو استحصال ڪري رهيا آهن پاڪستاني رياست هڪ طرف حڪمرانن ۽ بيوروڪريٽ کي عياشيون پيئي ڪرائي ته ٻي طرف فوج کي پالي رهي آهي. انهن جون پگهارون ۽ سهولتون ايتري قدر آهن جو ڪين شرم ئي نٿو اچي ته هو ويچاري غريب عوام تي ايترو ظلم ڇو ڪري رهيا آهن؟ پاڪستان جي فوجي جنرلن ٽيهه سال کن ته اقتدار تي غاصبانو قبضو ڪري ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ۽ دولت جي لٽ ڦر ڪئي. ۽ پوءِ وري پارت جو ڊپ ڏيئي ۽ ڪشمير جي آزادي جي نالي تي عوام جو خون چوسيندا رهن ٿا ۽ گن هاڻي وري آمريڪا جي خوشامند ۾ دهشت گردي جي جنگ جي نالي تي پنهنجي ملڪ جي عوام جو قتل عام ڪري رهيا آهن. فاٽا واري جنگ فقط افغانستان جي غلامي ۽ آمريڪا جو تسلط برقرار رکڻ خاطر ڪئي وڃي ٿي. جنگ جو خرچ آمريڪا کان ساري سنپاري وٺي رهيا آهن. حڪومتي ۽ فوجي آفيسر حصا پتي ڪري انهن رقمن کي پاڻ ۾ ورهائيندا آهن.

هن وقت پوري دنيا ظلم ۽ فساد سان پرجي چڪي آهي. عدل ۽ انصاف دنيا مان موڪلائي ويو آهي. مغرب به ظالمانه فيصلا ڪري ٿي ۽ يهود جي چنبي ۾ ڪيڏي رهي آهي مسلمانن جا ملڪ جنگ جو ميدان بڻيل آهن. افغانستان ۽ عراق کان پوءِ پاڪستان محاذ جنگ آهي. ايران ۽ ان کان پوءِ سعودي عرب ۾ فساد شروع ٿيندو. مسلمانن جو بچاءُ فقط جهاد في سبيل الله ۾ آهي. توحيد ۽ تقويٰ جي هٿيارن سان مسلح ٿي ميدان ۾ اچڻون پوندو. نئين دور جي استحصالي قوتن جو مقابلو وڏي پيماني تي شروع ٿيڻ وارو آهي.

(وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهم سُبلَنَا)

مولانا محمد انس راڄپر

# نظرئي ۽ فڪر ۾ بقاءِ انفع جو اصول

نظريہ ارتقا جي باني ڊارون جو چوڻ آهي تہ ”جاندارن ۾ زندهہ رهڻ لاءِ شديد ڪشمڪش ٿيندي رهي ٿي. ان ڪشمڪش مان بچي سلامت اهي رهن ٿا جيڪي ماحول سان وڌيڪ مطابقت ڪري سگهن ٿا ۽ وڌيڪ باصلاحيت (Fittest) آهن. فلسفي ۾ ان خيال ترقي ڪري جيڪا اڳين منزل اختيار ڪئي سا نتيجيت (Pragmatism) جي منزل آهي، هيءَ فلسفيانہ تحريڪ آمريڪا ۾ پيدا ٿي، جنهن حياتيات کان اڳتي وڌي ان خيال کي فڪر ۽ نظرئي تي اطلاق ڪيو: ۽ چيو تہ ”هر اهو نظريو ۽ عمل صحيح آهي جنهن جو نتيجو سٺو هجي“ يا جيڪو انسانيت لاءِ وڌيڪ فائديمند هجي. ان ۾ معروضي نتيجيت وغيره جو نظريو بہ هليو، جنهن بابت وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ کان پاسو ڪندي اسان اهو ڏسڻ گهرون ٿا تہ حياتياتي بقا ۽ فڪري بقا لاءِ قرآن شريف جو تصور ڪهڙو آهي. حياتياتي بقا بابت ڊارون جي تصور جي تائيد ۾ هيءَ آيت پيش ڪئي ويندي آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ (الملڪ- ٢)

”موت ۽ حياتي پيدا ڪيائين تہ اوهان کي آزمائي ڏسي تہ اوهان مان ڪير وڌيڪ سٺن عملن وارو آهي.“

پر اسان حياتياتي بقا جي سلسلي ۾ وڌيڪ بحث ۾ نہ ٿا پوڻ گهرون، اسان سڌو فڪر ۽ نظريي جي بقا ۽ غلبي بابت قرآن شريف جو جيڪو تصور آهي ان تي بحث ڪرڻ طرف اچون ٿا. قرآن جنهن فڪر ۽ نظرئي جو حامل ۽ علمبردار آهي، تنهن کي ان ”دين حق“ سان تعبير ڪيو آهي. ٻين باطل دينن سان هن دين جو ٽڪر ڪائڻ ۽ ان ڪشمڪش مان سوڀارو ٿي غالب ٿيڻ جو عمل ڪيئن مڪمل ٿيندو؟ ان جو هت تجزيو ڪبو. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد بيان ڪندي فرمايو آهي:

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ دِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ (التوبہ- ٣٣)

”هو اها ذات آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين حق سان گڏي ان لاءِ موڪليو تہ ان کي سيني دينن تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي ناپسند هجي.“

سيني دينن تي دين حق جو غلبو رسول الله صلي الله عليہ و سلم جن جي اچڻ جو مقصد آهي. جيڪو مقصد دين حق جي سيني پيروڪارن جو بہ آهي. هن آيت ۽ اهڙين ڪوڙ ٻين آيتن مان دين حق جي غلبي ۽ بقا جي اجزاءَ ترڪيبيءَ مان هڪ جزو اهڙي انساني ڪوشش آهي، جيڪا دين حق جي غلبي لاءِ ڪم اچي.



ڇا ڪنهن حق واري دين جي غلبي لاءِ انساني ڪوشش ئي ڪافي آهي يا ان ۾ ان جي ضرورت بہ آهي تہ ان دين ۾ خود غالب ٿيڻ جي سگهہ بہ هئڻ گهرجي؟ شايد اها ضرورت ظاهر ڪرڻ لاءِ ئي الله تعاليٰ هن آيت ۾ صرف ”دين“ جو لفظ استعمال نہ ڪيو: پر ”دين حق“ جو لفظ استعمال ڪيو: يعني دين جي غلبي لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهو دين ”حق“ بہ هئڻ گهرجي. يعني اهو پنهنجي جوهر ۾ غالب ٿيڻ جي سگهہ بہ رکندو هجي. نہ تہ پل ڪيترين بہ انساني ڪوششون ڪم آنديون وڃن، اهڙو دين ڪڏهن بہ غالب نہ ٿي سگهندو جيڪو حق نہ هجي. قرآن ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

وَ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾ (بني اسرائيل- ٨١)

”چئو! حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو ڇاڪاڻ تہ باطل مٽجڻو ئي آهي.“

جيئن روشني ٿيندي ئي اونده ختم ٿي ويندي آهي، ائين حق جي ايندي ئي باطل ڀڄي ويندو آهي. اها حق جي پنهنجي قوت ۽ جوهر آهي، جنهن ڪري باطل ان آڏو نہ ٽڪندو آهي.

ڪنهن دين جي غالب ٿيڻ جي سگهہ جو مدار ڪهڙي ڳالهہ جي مٿان آهي؟ يا هڪ کي حق سڏجي ۽ ٻئي کي باطل قرار ڏجي ان جو ڪهڙو معيار آهي؟ ڇا منهنجو دين، منهنجي ابن ڏاڏن جو دين، ڇاڪاڻ تہ منهنجو ۽ منهنجي ابن ڏاڏان جو آهي، ان ڪري حق آهي؟ جيڪو منهنجو ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جو ناهي سو باطل آهي؟ يا جنهن دين جي حق هئڻ جي اسان دعوا ڪيون، اهو حق آهي، جنهن کي باطل قرار ڏيون اهو باطل آهي؟ يا ان جو ڪو معيار آهي؟ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ائين ناهي، بلڪ اسان وٽ دين جي حق هئڻ جو هڪ معيار آهي. جيڪو دين ان معيار تي پورو لهندو سو حق آهي. جيڪو ان معيار تي پورو نہ لهندو سو باطل آهي. الله تعاليٰ ان معيار کي سمجهائڻ لاءِ چند مثالن جو سهارو ورتو آهي. فرمائي ٿو:

اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَ مِمَّا يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَ الْبَاطِلَ ۬ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَ اَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٧﴾ (الرعد:17)

(1) ”آسمانن مان اسان پاڻي وسايو آهي، جنهن کان پوءِ نهرون پنهنجي پيمانن مطابق وهي هليون آهن. پوءِ وهڪرن پنهنجي مٿان گجي ڪنئي.

(2) ۽ جيڪي شيون اوهان باهہ ۾ پگهرائيندا آهيو، اسلحہ ۽ سامان ٺاهڻ لاءِ، انهن تي بہ اهڙي گجي ٿيندي آهي. ان طرح الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال بيان ڪري ٿو. سو گجي اڏري ختم ٿي ويندي البتہ جيڪا شيءِ انسان کي نفعو ڏئي ٿي، سا زمين تي ٽڪي سگهي ٿي.“

هن آيت ۾ الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو هڪ مثال اهو ڏنو آهي تہ هڪ آهي پاڻي جيڪو نهرن ۾ تيزوهڪرن جي صورت ۾ وهي ٿو ۽ ٻي آهي ان تي ٺهندڙ جهاڳ ۽ گجي. پاڻي باقي رهي ٿو جهاڳ ۽ گجي اڏري، سڪي ختم ٿي ٿي وڃي، حق ۽ باطل بہ ائين ئي آهن. حق

انسان کي نفعو ڏئي ٿو ان ڪري اهو قائم ۽ باقي رهي ٿو. باطل انسان کي فائدو نہ ٿو ڏئي ان ڪري اهو ختم ٿي ٿو وڃي.

ان جو ٻيو مثال هن آيت ۾ لوهہ، پتل يا سون وغيره جهڙن ڌاتن جو آهي انهن کي بہ جڏهن پگهرائبو آهي تہ انهن تي بہ جهاڳ ۽ گجي ٿيندي آهي. جهاڳ ۽ گجي ڪڏهن ڪبي آهي ڇاڪاڻ تہ انسان جي فائدي جي ڪانهي، لوهہ، پتل يا سون وغيره ڇاڪاڻ تہ انسان جي نفعي وارا آهن ان ڪري اهي قائم رهن ٿا.

نباتات ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گاهہ ٻوٽا ۽ ڏٿ ٿيندا هئا، جيڪي انسان روز جهنگن مان چونڊي گهر کڻي ايندو هو ۽ پنهنجو قوت گذر ڪندو هو. اهڙن ڪيترن ئي قسمن جي گاهن، ٻوٽن ۽ ڏٿن مان جيڪي انسان پنهنجي فائدي ۾ ڏٺا تن کي پنهنجي محنت سان اهڙي زندگي بخشي جو زمين تان لکين ٻوٽا ناپيد ٿي ويا پر ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ سرنهن وغيره جهڙا انساني فائدي وارا ڏٿ اڄ بہ زنده سلامت ۽ آباد آهن.

بلڪل اهڙيءَ طرح نظريا ۽ فڪر بہ جيڪي انسانيت کي فائدو ڏين ٿا. انسان جي ڏک، درد، پيڙا، ظلم ۽ اذيت ۾ ان جو سهارو بنجن ٿا انسان پنهنجي جانين ۽ سرن جا نذرانا ڏئي انهن کي جياري ۽ زمين تان کڻي آسمان تي پهچائي ڇڏي ٿو. پر جيڪڏهن فڪر ۽ نظريي ۾ انسان پنهنجي درد جو درمان ۽ مسئلن جو قانوني تحفظ نہ ٿو ڏسي تہ پوءِ ان فڪر جي سربلندي، غلبي ۽ احياء، ڪجھ بہ نہ ٿو ٿي سگهي. دين اسلام جو جڏهن ظهور ٿيو تہ ان ۾ انسانيت جي ڪمزور ۽ ضعيف طبقن پنهنجو جياپو ڏٺو، پنهنجي دردن جو درمان ڏٺو، عرب کان وٺندي روم ۽ فارس تائين جي پيڙهيل طبقن اسلام ۾ پنهنجي زندگي، جياپو ۽ آزادي ڏٺي تڏهن ئي انهن طبقن جي ماڻهن پنهنجو گهر ٻار ۽ سر ساهہ صدقو ڪري دين اسلام کي سربلند ڪيو ۽ باطل نظامن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

اڄ جڏهن اسان دين اسلام جي غلبي، احياءَ ۽ سربلنديءَ جو فڪر ڪيون ٿا تہ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ قرآن جي هنن ارشادن ۾ اسان لاءِ اها رهنمائي ۽ سبق آهي تہ انساني افاديت کان خالي فڪر ۽ نظرئي جي سربلندي، غلبو ۽ احياءُ خام خياليءَ کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي. ان ڪري ضروري آهي تہ اڄ جي دور جي انسان جو جيڪو درد ۽ پيڙا آهي ۽ ان جا جيڪي مسئلا آهن، انهن جو اسان تجزيو ڪيون. اسلام ۽ قرآن جي بنيادي اصولن جي روشنيءَ ۾ انهن مسئلن دردن ۽ پيڙائن جو درمان ۽ قانون بنائي دين اسلام کي پيڙهيل طبقن آڏو پيش ڪيون. تڏهن اسان دين اسلام کي ٻيهر غالب ۽ سربلند ڏسي سگهون ٿا. دين جي قربان گاهہ ۾ انسانيت جي قربان ٿيڻ جي قيمت تي دين جو احياءُ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيون. يعني انسانيت جي موت جي قيمت تي دين جي حياتي نہ گهرون بلڪ دنيا کي پيغام ڏيون تہ هي دين انسانيت لاءِ زندگيءَ جو پيغام کڻي آيو آهي. جيئن قرآن جو فرمان آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ (الانفال:٢٤)

”اي ايمان وارو الله ۽ رسول جو سڏ ورنايو جڏهن توهان کي ان (دين) ڏانهن سڏين جيڪو اوهان کي جياپو ڏئي ٿو.“



اسلام کي اهڙي ڍنگ سان کڻي اچو جو هڪ اهڙي قوم جيڪا زندگيءَ جون سڀ توانايون وڃائي نري مرده ٿي چڪي آهي، سا هن دين جي ذريعي آرس ڀڃي اٿي پئي ۽ هڪ متحرڪ ۽ ناقابل شڪست قوت بنجي اٿي، پوءِ ڏسو تہ ان قوم جا جوڌا ڪيئن ٿا اسلام کي سربلندين تي پهچائن. اسلام شروع واري دور ۾ اهو ئي ڪارنامو سرانجام ڏنو هو، جنهن جو ذڪر سورت قريش ۾ الله تعالي هنن لفظن ۾ فرمايو:

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ﴿١﴾ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَ الصَّيْفِ ﴿٢﴾ فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ﴿٣﴾

الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ﴿٤﴾

الله جي فضل سان قريش هڪ اهڙي سرگرم معاشي قوت بنجي اٿيا جو سياري اونهاري جي تجارتي سفرن جي نتيجي ۾ نہ رڳو سکيو ڪائڻ لڳا پر امن وارا بہ ٿي پيا. ان طرح قرآن ۽ اسلام کي مرده قومن جي زندگيءَ جو ذريعوءِ وسيلو بنائڻ ۾ اسان ڪامياب ٿياسين تہ اسان اسلام کي سربلند ۽ غالب بنائڻ ۾ ڪامياب بہ ٿينداسين. پر جيڪڏهن زندگيءَ کان مايوس طبقن جي ماڻهن کي زندگيءَ جي جوت بخشڻ بجاءِ انهن کي قرآن جي ڦيٽن ۽ تعويذن جو آفيم ڪارائي سڪون جي ننڊ ڪرائيندا رهياسين تہ پوءِ اسلام جو غلبو خام خياليءَ کان سواءِ ڪجھ بہ ڪونہ رهندو.

---

## حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاهہ ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهہ ولي الله ﷫ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا تہ هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**

نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

نثار احمد پناڻ

# خدا جي دنيا

جڏهن توهان پنهنجي ڪمري ۾ موجود آهيو، ان جي ڊيگهه، ويڪر ۽ اونچائي معلوم ڪندؤ ته پوءِ ماپ جي خبر پئجي ويندي. جڏهن توهان ڪليل ميدان تي آسمان جي هيٺان آهيو ته آسمان جي ڇت، ڊيگهه ويڪر معلوم ڪرڻ لاءِ توهان جا سڀ پئمانا به ڪم ڪري ڪونه سگهندا. اهوئي حال خدا جي پوري ڪائنات جو آهي. هڪ ٻج وڌندي وڻ جي دنيا ٺاهي ٿو، ان کي ڪير بيان ڪري سگهندو صبح جي روشني، هوائن جو نظام، پکين جا نغما، پاڻي سان وهندڙ چشما ۽ ان طرح بي شمار شيون جن کي اسان پنهنجي اکين سان ڏسون ٿا. پر لفظن ۾ بيان نٿا ڪري سگهون.

سچائي ان ڪان به نازڪ ۽ لطيف آهي، ان کي انساني لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. حقيقت اها آهي ته جتي زبان گونگي ٿي وڃي، اتان حقيقتون شروع ٿين ٿيون. جتي لفظ ساٿ نه ڏين اتان معاني جي شروعات ٿئي ٿي. خدا خاموش زبان ۾ ڳالهائي رهيو آهي ۽ اسان وري سندس آواز ڏاڍيان شور واري زبان ۾ ٻڌڻ چاهيون ٿا. ان حالت ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته اسان خدا جو آواز ٻڌي سگهون. دنيا جي سڀ کان قيمتي ڳالهه اها آهي جا چپن جي ٻولين ۾ نشر ٿي رهي آهي. مگر جيڪي ماڻهو صرف شور ۾ ٻول ٻڌڻ جا عادي اهي اهڙين قيمتي ڳالهين کان ناآشنا رهجيو وڃن ٿا جيئن هڪ ٻوڙو ڪنهن عمدي موسيقي کان محروم هجي. خدا جي دنيا بيحد حسين آهي. ان جي حسن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. ماڻهو جڏهن هن دنيا کي ڏسي ٿو ته بي اختيار سندس جيءُ چاهي ٿو ته هو خدا جي دنيا جو ابدي باشندو بنجي وڃي. هو هوائن ۾ شامل ٿي وڃي ۽ سرسبز وڻن ۾ وڃي آباد ٿئي. هو آسمان جي بلندين ۾ گم ٿي وڃي. مگر انسان جو محدوديتون سندس حائل ٿي وڃن ٿيون. پنهنجي محبوب دنيا کي ڏسي ٿو پر ان ۾ سمائجي نٿو سگهي. شايد موت ان جو ئي نالو آهي ته ماڻهو کي ان جي محدوديتن کان آزاد ڪيو وڃي تاڪ هو خدا جي حسين دنيا ۾ شامل ٿي وڃي.

انسان جيڪا تمدني دنيا ٺاهي آهي. اها خدا جي دنيا کان ڪنهن قدر مختلف آهي. انسان جون ٺاهيل سواريون شور ۽ دونهون ڇڏن ٿيون. مگر خدا جي دنيا ۾ روشني هڪ لک ڇهاسي هزار ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان هلي ٿي پر نه ڪٿي شور آهي نه ڪٿي دونهون. انسان انسان جي وچ ۾ ايئن رهي ٿو جو هڪ کي ٻئي کان ڪيترن ئي قسمن جون تڪليفون پهچن ٿيون مگر خدا جي دنيا ۾ هوا ايئن گذري ٿي وڃي جو ڪنهن سان ٽڪر ۾ اچي ئي نه ٿي. انسان پنهنجي غلاظت کي ڪاربان، پگهر ۽ ڪاڪوس جي صورت ۾ خارج ڪري ٿو. پر خدا جيڪي وڻ ٻوٽا ٺاهيا آهن، اهي پنهنجيءَ ڪثافت کي آڪسيجن جي صورت ۾ خارج ڪن ٿا ۽ گل وري خوشبو خارج ڪن ٿا. انسان جي وسندين ۾ گند کي ڪنهن هنڌ پهچائڻ وڏو مسئلو آهي. مگر خدا جي ٺاهيل دنيا ۾ وڏي پيماني تي ڪچرو نڪري ٿو پر ڪنهن کي خبر به نه ٿي پوي ان کي (Recycle) جي ڦيري سان ڪيئن ڪائنات لاءِ مفيد ڪيو ٿو وڃي. جيڪو شخص ان حقيقت جي جهلڪ ڏسي وٺي ته اهو خدا جي تخليق آڏو پاڻ کي عاجز محسوس ڪندو ۽ مٿس چپ طاري ٿي ويندي.



محمد سليمان انيڙ

# شرڪ - پنهنجي پاڻ جي پوڄا ڪرڻ

هڪ اهڙي بنيادي ڳالهه جو اظهار يا اقرار ڪرڻ، جنهن کي ڪلمهءِ اسلام يا ڪلمهءِ توحيد چيو ويو آهي. ان کي چوڻ سان ۽ دل سان ان تي يقين ڪرڻ سان هڪ شخص مؤمن سمجهو ويندو. ان ڪلمي جا ٻه ٻول آهن:

(1) لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ

(2) مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰه

پهرئين ٻول جي معنيٰ هي آهي ته هن ڪائنات ۾ ڪوبه اِلٰه ناهي، يعني رب (پاليندڙ) حاڪم، معبود، مسجود، مددگار ۽ محبوب ڪوبه ڪونهي، سواءِ هڪ الله جل شانه جي. مخلوقَ (ملائڪن، جنن، انسانن، حيوانن، جاندار ۽ غيرجاندار شين) مان جنهن کي به الهه بڻايو ويندو، اهو جعلي ۽ هٿراڌو سمجهيو ويندو. اِلٰه بڻجڻ جي ڪنهن ۾ به صلاحيت ۽ اهليت ناهي، نه ئي هو اِلٰه بڻجي حاجت روا، مشڪل ڪُشا، معبود، رب ۽ محبوب ڪائنات ٿي سگهي ٿو.

ڪلمي جي ٻي ٻول جي معنيٰ آهي ته سيدنا محمد ﷺ الله تعاليٰ جو رسول (چونڊيل نمائندو) آهي. يعني الله تعاليٰ جو رابطو انسانن سان حضرت محمد ﷺ ذريعي ٿيندو. الله تعاليٰ جو ڪلام ۽ پيغام ان جي ذريعي پهچندو. مطلب ته ٻين پيغمبرن وانگر هن پيغمبر کي جنهن کي خاتم النبيين جي لقب سان نوازيو ويو آهي، هڪ ڪامل عبد ۽ رب جي بندگيءَ ڪامل نمونو، اطاعت ۽ اتباع ۾ رب تعاليٰ جي رضا جو مظهر بڻايو ويو آهي، ان شخصيت کي رب ذوالجلال جو نمائندو تسليم ڪيو وڃي.

هن ڪلمي جو پهريون ٻول ”لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ“ مادي نظر کان پٺيان، حواسن ذريعي ايندڙ هڪ حقيقت ۽ سچ جو اظهار آهي. ڇو ته ڪائنات جو هي ڪشادو، ڦهليل ۽ ڳوڙهو نظام تقاضا ڪري ٿو ته ان جو هڪ ٺاهيندڙ، ٺاهيندڙ، هر شيءِ پنهنجي اختيار ۾ رکندڙ، ان جي نگهباني ڪندڙ، وسيلن کي پيدا ڪندڙ ۽ انهن کي انهن تائين پهچائيندڙ هڪ ذاتِ مقدس، حَي ۽ قيوم ۽ رب العالمين هئڻ گهرجي، جنهن کي ”الله جل شانه“ چئجي ٿو. انَ ذات پاڪ جو نه صرف وجود برحق آهي بلڪ هو موجود هجڻ سان گڏ اڪيلو به آهي. يعني سيني قوتن، طاقتن، اختيارن ۽ تدبيرن ۾ سندس اڪيلي ڪار فرمائي آهي. ان معاملي ۾ هن جو ڪوبه ڀائيوار، شريڪ، مددگار ۽ همسر نه آهي ۽ نه ئي ڪو ٿي سگهي ٿو.

انسان جي اها وڏي بدقسمتي آهي جو هڪ جڏهن پنهنجي عقل جي گهٽتائپ، فڪر ۽ نظر جي ڪوتاهي ۽ سوچ ويچار ۾ ناقص هجڻ سبب پنهنجي حقيقي رب ۽ حقيقيِ اِلٰه کي تسليم ڪرڻ ۾ دوکو کائي وڃي ٿو ته پوءِ هو پنهنجي شخصيت کي وڃائي ٿو ڇڏي، هو پنهنجي شرفِ انسانيت کي وساري ٿو ويهي. هن کي پنهنجي عظمت ۽ هن جي خدا تعاليٰ سان رابطي واَري ڪيفيت، هن جي سوچ مان نڪري وڃي ٿي، پوءِ هو ڪنهن هٿراڌو اِلٰه ۽ رب جي تلاش ۾ سرگردان رهي ٿو. هو اهڙي انڌيري کڏ ۾ ڪري پوي ٿو جتي هن کي

ڪابہ روشني، هدايت ۽ ساڃاهہ واري ڳالهہ پڙ نٿي پوي. عقل جو انڌو اهڙو انسان پنهنجي پوڄا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. هن جي آڏو ”ظاهر ماڊل“ تہ انسان جي صورت ۽ شڪل ئي آهي، تہ پوءِ مخلوق مان جن جي پوڄا ڪرڻ چاهي ٿو تہ انهن جا انساني شڪل ۾ مجسما تيار ڪري انهن جي آڏو جهڪي ٿو. انهن کي سجدا ڪري ٿو، انهن کان حاجتون ۽ مرادون گهري ٿو. ٻوڙن، گونگن ۽ نہ ڳالهائڻ وارن مجسمن آڏو نذر نياز ڏئي ٿو، انهن جون ٻاسون ٻاسي ٿو. مادي نظرن سان ڏسڻ جو عادي انسان، پنهنجي پوڄا لاءِ بہ ظاهري مجسما ٺاهڻ ضروري خيال ڪري ٿو. هن کي اطمينان ئي نٿو اچي جيستائين هو بتن کي نہ ڏسي، قبرن کي نہ ڏسي، وڻن ٽڻن، پکين پرندن، نانگن بلائن، سج، چنڊ ۽ تارن کي نہ ڏسي، گهوڙن ۽ انگاسن کي نہ ڏسي. اِلهن ۽ معبودن کي ظاهري شڪل ۾ ڏسي پوءِ ئي ڪيس عبادت ڪرڻ جو لطف محسوس ٿئي ٿو.

تراشيدم صنم بر صورت خويش
بشکل خود خدارا نقش بستم

مرا زا خود بروں رفتن محال است
بهر رنگے که هستم خود پرستم

”مان هڪ پٿر جو بت انساني شڪل ۾ ٺاهيم. مان خدا کي پنهنجي شڪل ۾ آندم. مون کي پنهنجو پاڻ کي پاڻ مان ٻاهر ڪڍڻ مشڪل ٿو لڳي. جنهن بہ رنگ ۾ آهيان پنهنجو پاڻ کي پوڄي رهيو آهيان.“

قرآن مجيد قديم تاريخ ٻڌائي ٿو تہ قومِ نوح ۾ شرڪ جي شروعات ايئن ٿي جو هو ”ود، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسر“ پنجن بتن جي عبادت شروع ڪيائون. حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ اهي پنج بت، ”اسماء رجال صالحين من قوم نوح“ نوح عليه السلام جي قوم جا پنج بزرگ ۽ صالح ٻانهان هئا. انهن کي خدائي اختيارن ۾ شريڪ بڻايائون، پوءِ انساني شڪل ۾ مجسما ٺاهي انسان پرستي جو رواج وڌائون. اها شرڪ جي رسم ۽ عادت سڀني قومن ۾ منتقل ٿيندي وئي. تان تہ اڳتي يهودي قوم ۾ ان کي اهميت ملي. سيدنا عزير عليه السلام کي الله تعالىٰ جو پٽ بڻائي ان جي پوڄا ڪئي وئي. پوءِ سيدنا مسيح بن مريم عليه السلام کي پٽ قرار ڏيندي (خدا، مسيح ۽ مريم) تثليث جو عقيدو جوڙيو ويو ۽ پوءِ اهڙي طرح لڳاتار انساني شڪل ۾ بت جوڙي انسان پرستي هلندي پئي اچي.

اسلام، شفاف توحيد جي تعليم ڏني. پيغمبر عليه السلام توحيد جي لاءِ سموريون رسمون ۽ رواج مٽايا. قرآن مجيد چٽي طرح شرڪ جي لعنت کي نابود ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏئي ٿو. پر انسانن جي بدقسمتي ۽ نامرادي کي کهڙو نالو ڏجي جو اڄ جا مسلمان وري خاتم الانبياءَ ﷺ جي ذات مقدس کي خدا تعالىٰ جي ذاتِ اقدس سان ڀائيوار ۽ مددگار ڪري رهيا آهن. مسلمان کي سمورا اختيار الله تعالىٰ وٽ هجڻ ۾ پريشاني ٿئي ٿي ۽ هڪ الله تعالىٰ کان گهرڻ، مدد وٺڻ ۽ فقط ان کي حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهڻ ۾ هنن کي تمام گهڻي تڪليف ۽ ڏک ٿو پهچي. ان لاءِ ضروري آهي تہ هو حضرت سيدنا پيغمبر عليه السلام جن کي سمورا اختيار ڏين. الله تعالىٰ کان سموريون صفتون، وصفون ۽ اختيار جيڪي ان لاءِ خاص آهن ۽ سندس حقيقي اِلهٰ ۽ رب هئڻ جون نشانيون آهن، اهي سڀ يا انهن مان ڪجهہ اختيار ضرور پيغمبر اسلام جي ذات ۾ منتقل ڪيا وڃن ۽ پوءِ اٿندي



ويهندي ”المدد يارسول الله“ جو ن نعرو بلند ڪيو وڃي. پوءِ وري ان تي بس نہ ڪئي وئي بلڪ الله تعالىٰ جا اختيار ”اولياءَ ڪرام“ ڏانهن بہ منتقل ٿيا. انهن سڀني کي بہ حاجت روا، مشڪل ڪشا ۽ برڪتون پهچائيندڙ بڻايو ويو. نفعي ۽ نقصان جو مالڪ، زندگي ۽ موت جو اختيار ۽ دنيوي ڪمن جي سرانجامي پڻ انهن جي حوالي ڪئي وئي. امت جي هڪ عظيم مذڪي، مربي ۽ مصلح سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره کي جاهل ۽ گهٽ عقل مسلمانن ذري گهٽ خدا جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي. سمورا خدائي اختيار حضرت جيلاني رحمة الله عليه عليہ جي حوالي ڪيا ويا آهن. ان ذات ڏانهن غلط قسم جون ڳالهيون منسوب ڪري ان جي پوڄا ڪئي پئي وڃي. ان طرح امت مسلمہ جي عظيم رهبر، علم ۽ حڪمت جي خزاني جي ڄاڻو سيدنا اميرالمؤمنين علي ڪرم الله وجهه جي ذات گرامي ۽ سندس پاڪ اولاد خاص طرح سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي شخصيت کي بہ الله تعالىٰ جو شريڪ ۽ ڀائيوار بڻايو ويو آهي ۽ ايئن چيو پيو وڃي تہ الله تعالىٰ پنهنجا سمورا اختيار انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ منتقل ڪري ڇڏيا آهن. انهن جي رضامندي سان جنت جو حصول ٿيندو. هاڻي هن امت ۾ مجسما ٺاهي تہ پوڄا نٿي ڪئي وڃي پر انهن پاڪباز شخصيتن جون قبرون، مزارون ۽ تابوت شرڪ جا اڏا بڻجي چڪا آهن.

هيءَ امت 10 محرم الحرام ۽ 12 ربيع الاول جي ڏينهن ۾ جيڪي خرافات ۽ بي هودگيون ڪري رهي آهي ان جو واسطو قرآن ۽ سنت، صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت غطام جي عمل ۽ طريقي سان هرگز ناهي. هي عقل جا انڌا اڳين مشرڪ قومن جي تقليد ۾ انهيءَ شرڪ جي لعنت ۾ گرفتار ٿي خدا جي عذاب جا مستحق بڻجي رهيا آهن جنهن ۾ اڳيون قومون عذاب هيٺ آيون ۽ ذلت ۽ بربادي جو شڪار بڻيون.

اسلام جي تعليم، قران مجيد ۽ سنت رسول ﷺ جي بنياد تي قائم آهي. جيڪا تعليم ۽ هدايت انهيءَ ذريعي سان حاصل ٿئي ٿي، اها ئي صراط مستقيم آهي. ان صاف، واضح ۽ چٽي رستي کي ڇڏي فرقن، ٽولن، پارٽين ۽ مسلڪن جي انڌيرن ۾ ڦاسي پوڻ ۽ انهن جي تعصب، نفرت، توهم پرستي، جذباتيت ۽ انڌي عقيدت جي چڪر ۾ اچي گمراهہ ٿيڻ ۽ آخرت جي هميشہ واري زندگي ۾ عذاب جو مستحق ٿيڻ دانائي ۽ ڏاهپ ناهي. دنيا ۾ ٺاهيل مسلڪ، گروهہ ۽ ٽولا ۽ انهن جا هلائيندڙ، ٺاهيندڙ ۽ گمراهي پکيڙيندڙ آخرت ۾ ڪنهن جي بہ ڪم ڪونہ ايندا.

انبياءَ، اولياءَ، امام ۽ اهل بيت عِظام ڏانهن جيڪي بہ ڳالهيون منسوب ڪيون وڃن ٿيون، اهي هٿ گهڙيون ۽ جعلي آهن. اُهي تہ فقط الله تعالىٰ جا ٻانها، ڪامل ٻانها، ڪامل عبادت ۽ اطاعت سان مربوط ۽ رِب جي رضا ۾ مشغول رهندڙ انسان هئا. اهي شخصيتون پنهنجن جعلي پيروڪارن کان اُن ڏينهن بيزار ٿي ويندين ۽ پوءِ هي ڪوڙا پيروڪار افسوس جا هٿ مليندا تہ ڪاش! اسان توحيد ۽ سنت واري رستي تي هلون ها تہ اڄ هن بربادي ۽ هلاڪت کان بچي وڃون ها!

قرآن مجيد جون ڪجهہ چٽيون هدايتون پيش ڪجن ٿيون. شايد روشني ۽ هدايت ملي وڃي.

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ۨ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ ۚ يُضَاهِــــُٔـوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ۭ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ڽ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٠﴾ (التوبہ- ٣٠)

”يهودي چوڻ لڳا ته خدا جو نبي عزير، الله جو پٽ آهي، نصاريٰ چوڻ لڳا ته خدا جو پيغمبر عيسيٰ مسيح الله جو پٽ آهي (يعني الله جا اختيار انهن کي مليل آهن) اهي سندن ڳالهيون اڳين ڪافرن وانگر بڪواس آهن. الله تعاليٰ جي مٿن لعنت هجي ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهن. انهن پنهنجن عالمن ۽ راهبن کي خدا کان سواءِ پنهن جو رب بڻايو آهي ۽ مسيح عليه السلام کي به رب ٺاهيو. هنن کي هڪ الله جي عبادت جو چيو ويو هو. الله هڪ آهي ۽ شرڪ کان پاڪ آهي.“

وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾

(يونس- ١٠٦)

”حاجتن ۽ مشڪلات ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي به نه پڪار. انهن ۾ نفعي ۽ نقصان پهچائڻ جي صلاحيت ئي ڪانهي. جي ٻين کي پڪاريندين ته ظالمن ۾ ڳڻيو ويندين.“

مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ

(يوسف-٤٠)

”الله تعاليٰ کي ڇڏي جن شخصيتن جي عبادت ڪريو ٿا ۽ انهن کي سڏيو ٿا، اهي ته توهان نالا پاڻ رکيا آهن ۽ توهان جي مسلڪ جي وڏن رکيا آهن. الله تعاليٰ جو نازل ڪيل ڪو دليل نه آهي. (يعني دستگير، داتا گنج بخش، ياعلي مدد، المدد يارسول الله) اهي جملا اوهان جا گهڙيل آهن. انهن جو واسطو الله ۽ قرآن جي تعليم سان نه آهي.“

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ ﴿٢٢﴾ (سبا- ٢٢)

”جن معبودن کي الله تعاليٰ جي وصفن ۾ ڀائيوار بڻايو ٿا ۽ انهن کي پڪاريو ٿا، ڇا اهي اوهان جا سڏ ورنائيندا. انهن کي ته آسمانن ۽ زمين ۾ ذري جيتري به قدرت ۽ طاقت حاصل ناهي. (نبي، ولي، بزرگ، امام سڀ ان ۾ اچي ويا.) انهن مان ڪنهن کي به ٻانهن جي معاملن متعلق ڪابه ڄاڻ ناهي نه وري پهچ.“

هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ (فاطر - ٣)

”ڇا اوهان جو پيدا ڪندڙ الله کان سواءِ ڪو ٻيو آهي. جيڪڏهن آهي ته ان کان گهرو ته اوهان کي رزق پهچائي! ڇو ٿا دوکي ۽ فريب ۾ رهو.“

اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا دُعَآءَكُمْ ۚ وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ بِشِرْكِكُمْ ؕ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿١٤﴾ (سورت فاطر- ١٤)

”جن شخصيتن کي (نبين، ولين، امامن ۽ بزرگن کي) پنهنجن حاجتن ۽ مصيبتن ۾ سڏيو ٿا اهي ته اوهان جا سڏ ٻڌن ئي ڪونه ٿا. پر جيڪڏهن ٻڌن به سهي ته اهي اوهان جون حاجتون پوريون نٿا ڪري سگهن ڇو ته انهن وٽ قوت نه آهي اهي شخصيتون قيامت جي ڏينهن اوهان جي شرڪ جو انڪار ڪندا ۽ اوهان کان بيزار ٿي ويندا. الله تعاليٰ کان وڌيڪ ٻيو ڪير خبردار آهي جيڪو انهن ڳالهين کان اوهان کي واقف ڪري. ان ڪري الله تعاليٰ جي ڳالهه تي ڀروسو ڪيو.“



نور احمد ميمڻ

# خواهش کي خدا بنائيندڙ ماڻهو

”ڇا تو ان ماڻهوءَ جي حال تي غور ڪيو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو معبود بڻايو آهي. (نتيجي ۾) ان کي سمجهه هوندي به الله (پنهنجي قانون پٽاندڙ) ڪيس گمراهه ڪيو ۽ سندس ڪنن ۽ سندس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي اکيا چاڙهيائين. پوءِ الله جي ائين ڪرڻ بعد ڪير ان کي هدايت ڪري سگهي ٿو؟ ڇا توهان پوءِ به نصيحت حاصل نه ڪندو!؟“ (الجاثيه ٢٣)

قرآن مجيد شرڪ جي هيءَ غيرمحسوس شڪل ٻڌائي پنهنجي مڃيندڙن لاءِ هن طريقي سان مشرڪ بڻجڻ جي واٽ به بند ڪئي آهي. پنهنجي خواهشن کي خدا بنائي وٺڻ جو مسئلو ايڏو نفيس آهي جو اڪثر حالتن ۾ خود اهو مذهبي رنگ اختيار ڪري وٺندو آهي.

ماڻهو پنهنجي خواهشن جي پوئواريءَ ۾ پانت پانت جي طريقن سان پنهنجي ديندار هئڻ جا جتن ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جا گروهه ٻين گروهن جي مٿان پنهنجون غرضون ۽ خواهشون مڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ايتري تائين جو ماڻهوءَ جو قلب خود بتخانو بڻجي ويندو آهي. ماڻهو اهڙين حاصلاتن جي ڪڍ طواف ڪرڻ شروع ڪندو آهي، جن لاءِ خدا جي ٻڌايل ضابطن ۾ ڇٽي منع ٿيل هوندي آهي. ماڻهوءَ جون سڌون ان هنڌ تي وڃي پهچنديون آهن جو ان جي لاءِ جائز ۽ ناجائز جي ڪابه سرحد باقي نه رهندي آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جا گروهه ۽ قومون به پنهنجي انهن خواهشن جي تڪميل ۾ انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ونديون آهن.

شرڪ جي هيءَ اهڙي خوفناڪ صورت آهي جو ماڻهو علم ۽ سمجهه هوندي به پنهنجي مٿان انڌ جو پردو چاڙهي ڇڏيندو آهي ۽ دلين تي مهر لڳي ويندي آهي. قرآن مجيد ۾ هيءَ ڇٽو بيان آهي ته خدا جي قانونن هيٺ هدايت ۽ رهنمائي انهن جي لاءِ هوندي آهي، جيڪي ان جي لاءِ تڙپ ۽ جستجو رکندا هجن ۽ جيڪي پنهنجي خواهشن ۽ مرضيءَ کي پاسيرو رکي زندگيءَ کي خدا جي ضابطن تي پابند رهڻ جو اٽل ارادو رکندا هجن. جيڪي خدا جي انهيءَ هدايت بخشيندڙ قانون کان ٻاهر رهجي وڃن ٿا، انهن جي ڪنن تي مهرون ۽ اکين تي پردا پئجي وڃن ٿا. انهن جون دليون زنگجي وڃن ٿيون ۽ اصلاح جا رستا بند ٿي وڃن ٿا. پوءِ انهن جي لاءِ هلاڪتن جون ڪاهيون آهن، جن م ٿاٻڙجي ڪرڻ سندن مقدر بڻجي وڃي ٿو. خدا جي انهيءَ قانون جو نوس هئڻ ثابت ڪري ٿو ته وحيءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي مڪمل طرح خدا جي حوالي ڪرڻ کان سواءِ بچاءَ جي ٻي واٽ ڪانهي ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ انهيءَ ۾ پڌري حقيقت آهي.

**مولانا عبداللطيف نانگراج**

# آزاديءَ جو اڳواڻ ﷺ

اسلامي تعليم جو هڪ بنيادي حصو هي آهي تہ خدا تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ آزاديءَ جي آگاهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو رستو ٻڌائڻ اسلام جو اهم مقصد آهي.

فطرت جي تعليم بہ هيءَ آهي تہ جيئن خدا تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي. تيئن انسان آزاديءَ ۾ ئي رهڻ پسند ڪري ٿو. مولانا عبيدالله سنڌي تہ انسان جو ترجمو آزاد (حر) سان ڪيو آهي. پاڻ غلام کي پورو انسان نٿا سمجهن. باقي هي جو انسان پاڻ کي غلط رسمن ۽ ظالم روايتن جي هٿڪڙين ۽ ڏنبا ٻيڙين ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي يا پاڻ کي پاڻ جهڙو ئي انسانن جي تسلط ۾ آڻي انهن جو غلام بڻائي ڇڏيو آهي، اهو سندس فطرت جي خلاف آهي. اها غلامي جي زنجير فطرت سان جنگ آهي. تنهن ڪري دنيا ۾ ڪنهن بہ انقلاب کي ان وقت تائين حقيقي انقلاب نٿو چئي سگهجي جيستائين اهو انقلاب انسانن کي غلامي مان ڪڍي آزادي جي طرف نہ وٺي اچي. ڇو تہ انقلاب جو حقيقي مفهوم "فطرت" کي سالم رکڻ آهي.

تنهن ڪري پاڻ ڪريم ﷺ ان انقلابي طريقي تي انسانن جي رهنمائي ڪري انسانن کي پنهنجي گم ڪيل آزادي جو تحفو عطا ڪيو. مولانا روميءَ بہ نبوت جي ان حقيقت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: خلق را از انبياءَ آزادي است. (انبياءَ جو بنيادي مقصد مخلوق خدا کي آزادي ڏيارڻ آهي.) پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اڳ دنيا ۾ ان وقت رڳو غلاميون ۽ مصنوعي حدبنديون هيون. پوري دنيا ۾ انسان طرحين طرحين غلامين ۾ جڪڙيل هئا. ظالمن ۽ جابرن پنهنجي رعيت کي غلام بڻائي ڇڏيو هيو. ڪن کي فردي غلاميءَ ۾، ڪن کي طبقاتي غلامي ۾ ۽ ڪن کي وري قبيلائي، قومي غلاميءَ ۾. هرطرف هي معمول بڻجي ويو هو تہ هڪڙا طاقتور انسان ٻين انسانن کان جانورن وانگر ڪم وٺندا هئا. جڻ تہ اهي لاچار انهن لاءِ مشينون يا ڪو تجارتي اوزار هجن جو انهن کان پنهنجي ذاتي نفعي لاءِ ڪم ورتو ويندو هجي.

مذهبي راهبن ۽ احبارن ماڻهن جي ذهنن کي مسحور ڪري انهن کي خرافات ۽ فرسوده عقيدن جي ذريعي ذهني غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. مرد مافوق طاقت بڻجي عورت تي ظلم جي باهہ ٻاري ويٺا هئا. انهن کي پنهنجو پالتو جانور سمجهي گهريلو زندگيءَ ۾ اهڙي طرح قيد ڪري ڇڏيو هيو، جو انهن کي نہ پنهنجي راءِ جي آزادي هئي نہ ئي وري اهي پنهنجي حقن جو مطالبو ڪري پئي سگهيون.



درنده صفت مالدارن معاشري ۾ معاشي صورت جو حليو بگاڙي ڇڏيو هو. عوام مالي مصيبتن ۽ مشقتن جي عذابن ڪي سهندي سهندي ذهني ۽ طبقاتي غلامي ۾ مبتلا ٿي چڪو هيو. سندس عملي قوتون ڪمزور ٿي چڪيون هيون. انسان جيڪو اشرف المخلوقات جي لقب سا ن سنوارجي خليفة الله في الارض جو منصب ڪٺي آيو هو، سو ذليل ۽ رسوا بڻجي چڪو هو. پوري ڪائنات جيڪا هن لاءِ ٺاهي وئي هئي، اڄ اهو ان ڪائنات جي پوڄا ڪري رهيو هو. آسماني مخلوق جو مسجود پاڻ پٿرن، وڻن جو ساجد بڻجي چڪو هو. پنهنجي ئي هٿ سان جوڙيل بتن جي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائيندو هو. جنهن ڪائنات کي اهو پنهنجي خداداد قوتن سان مسخر ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هو اتي اهو خود پاڻ ڪائنات جي هر شي کان مسخر ٿي چڪو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ اهڙي اونداهيءَ ۾ روشني بڻجي آيا. رڃ جهڙي سماج ۾ رحمت جا ڪڪر بڻجي انسانيت لاءِ ڇپر ۽ ڇانءَ بڻجي پيا. پاڻ عرب جي صحرا ۾ انسان جي آزادي جو جهنڊو کوڙيائون. سندن پروگرام ۾ فطرت جي صحيح تعليم هئي، سندن اصلاح ۾ سيني قسمن جا پهلو هئا ۽ هر قسم جون انساني آزاديون هيون، سندن تعليم اعتدال جي نقطي کان انچ بہ هيٺ يا مٿي نہ هئي. پنهنجي ذڪاوت ۽ فراست سان هر شيءِ کي گهرائي سان ڏٺائون. استبداد جو ڪوبہ پاسو ظاهري يا مخفي سندن نظرن کان اوجهل نہ هو. پاڻ هڪ ڪري غلاميءَ جي سيني زنجيرن کي معاشري مان ٽوڙي ڪري ڦٽو ڪري ڇڏيائون. انسان کي آزاد ڪري خدا جي اڳيان ان کي سربسجود ڪيائون. اهو سندن رهنمائي جو اثر هو جو انسان پنهنجي آزادي سان پنهنجي مرضي کي خدا جي مرضي سان ملائي ڇڏيو. پاڻ توحيد جا پرچارڪ بڻجي انسان کي سندس ڪمال عطا ڪيائون. ديوتائن ۽ مصنوعي بتن کي انسان جي نفساني خواهشات جي تسڪين قرار ڏيندي انهن کي ٽوڙي ڇڏيائون. انسان جي ضمير کي اجاگر ڪندي ان کي حيواني لذتن کان آزاد ڪيائون، انسان کي هر قسم جي وهم ۽ غيراصلي خوف کان آزاد ڪري هڪ خدا جي خوف ۽ لحاظ سان سندس دل کي پريائون. درحقيقت توحيد جو صحيح تصور ئي سيني غيرفطري خوفن جي پاڙ پٽي ٿو ڇڏي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اڳ ۾ مذهبن جو ڪم وڃي اهو رهيو هو جو اهي الڳ الڳ ٽولا ٺاهي هڪ ٻئي جي تڪذيب ڪندا هئا. هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا الڳ الڳ معبود ٺاهي انهن کي پوڄڻ شروع ڪيو هو. ان گروهن جا مذهبي پيشوا عوام ۽ مصنوعي بتن جي وچ ۾ دلاليءَ جو ڪم ڪندا هئا. ۽ سماجي طورتي انساني معاشرو غلط رسمن ۾ جڪڙيل هيو. آقا ۽ غلام ۾ ورهايل انسان پنهنجي انسانيت جي درجي کان هيٺ ڪري چڪو هو. اها غلامي قديم تاريخ جي علامت بڻيل عرب معاشري جي تهذيب جو حصو بڻجي چڪي هئي. عورت ذلت ۽ رسوائي جي زندگي ۾ بند هئي. عورت جي باري ۾ هي تصور ڪيو ويندو هو تہ عورت هڪ هيچ ذات آهي جيڪا مرد جي محڪوم ٿي ڪري رهڻ لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي. مرد ان کي جيئن چاهي پنهنجي نفعي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. آزادي ۽ عورت هڪ ٻئي جا ضد آهن. جبري شادي جا واقعا عام هئا، عورت

ڪي سندس وراثت جي حق کان بہ محروم ڪيو ويو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ توحيد جي مضبوط اصول ۽ عقيدي تي مساوات جو پروگرام پيش ڪيو. سڀني آسماني مذهبن جي بنيادي تعليم کي چٽو ڪري اهو پيغام ڏنو تہ سڀني مذهبن جي هڪ ئي واٽ آهي. اها آهي خدا پرستي ۽ انسان دوستي. پاڻ حقيقي خدا شناسي ۽ انسان شناسي جي تعليم سان گروهن جي پاڙ پٽي ڇڏيائون.

پاڻ توحيد جي عام ۽ فطري عقيدي کي اهڙي طرح بيان ڪيائون جو وچ ۾ آيل مذهبي پيشہ وريت جي ايجنڊا جي اهميت ختم ٿي وئي. انسان جو سڌوسنئون تعلق پنهنجي خالق سان ڳنڍجي پيو. پاڻ اها تعليم ڏنائون تہ خدا هڪ آهي، سڀ ان جا ٻانها آهن ۽ سڀ برابر آهن. تنهن ڪري هي آقا ۽ غلام جو تصور ختم ڪري ڇڏيو.

عورت کي هڪ مستقل سماجي حيثيت عطا ڪري ان کي آزاديءَ راءِ جو حق عطا ڪيو. نڪاح کي هڪ آزاد معاهدو قرار ڏئي جبري شادي جي جاهلي رواج جي پاڙ پٽي ڇڏي. عورت کي جائداد ۾ حصو عطا ڪيو ويو. عورت لاءِ نڪاح، طلاق، وراثت ۽ ملڪيت جا اهڙا تہ قانون مرتب ڪيائون جو هاڻي مرد ان کي غلام نٿو بڻائي سگهي، بلڪ ان جو هم سفر ٿي ڪري زندگي جي گاڏي کي ترقي ڏانهن وٺي هلي ٿو. ۽ سڀ کان وڏيون ٻہ غلاميون، سياسي غلامي ۽ اقتصادي غلامي. ان دور ۾ ماڻهو شهنشاهيت ۽ بادشاهت جي قبضي ۾ هوندا هئا. بادشاہ رعيت کي پنهنجو مال سمجهي انهن کي پنهنجن فائدن لاءِ استعمال ڪندا هئا. ملوڪيت ۽ آمريت جي بنياد تي اقتدار قائم هئا، ڪوبہ سماجي معاهدو ۽ انصاف نہ هوندو هو. انسان کي پنهنجي حقن جي لاءِ راءِ جي آزادي نہ هئي، جيڪو حق جي ڳالهہ ڪندو هو ان کي ختم ڪيو ويندو هو.

پاڻ ﷺ جن فرمايو، انسان کي انسان تي حق نہ آهي تہ هو ان تي شخصي اقتدار يا غلبو قائم ڪري، بادشاهہ ۽ سلطان صرف ذات باري تعاليٰ ئي آهي. انسان صرف ان جو خليفو آهي. ۽ خليفو خادم هوندو آهي. ان کي پنهنجي رعيت جي خدمت ڪرڻي هوندي آهي، ۽ ان سان گڏ خلافت الله جي نعمت آهي ان جو شڪر هي آهي تہ ماڻهو اهڙا ڪم ڪري جن سان رعيت کي فائدو پهچي ۽ انهن کي ختم ڪندو وڃي جيڪي رعيت کي نقصان پهچائيندڙ آهن. هڪ روايت ۾ آهي تہ هڪ اعرابي پاڻ سائين جن کي چيو "انت ملڪنا" (ڇا تون اسان جو بادشاهہ آهين؟)

پاڻ سڳورن فرمايو تہ: "نہ، بادشاهہ صرف الله آهي." پاڻ پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان "خليفي" هجڻ جو اهڙو تہ نمونو پيش ڪيو جو اڳتي هلي خلفاءِ راشدين ان کي اختيار ڪيو ۽ اهو خليفي جو ڪردار اڄ تائين دنيا لاءِ آئيڊيل آهي.

معاشي لحاظ کان معاشرو وياج ۽ ڏوڪي جي ڪڌن جذبن تي قائم هو. سرمائيدار طبقو وياج جي ذريعي وڃي پيو امير ٿيندو ۽ غريب طبقو وڃي پيو غلامي ۾ جڪڙبو. ٻيو جاگيردار طبقو جيڪو زراعت جي طريقي سان هارين تي ظلم ڪندو هو ۽ ٻئي مفت خور ۽ ڪائو طبقا معاشري لاءِ ڏچو بڻجي چڪا هئا.

پاڻ وياج جي ڪمائي کي ختم ڪري صدقي (عام ڀلائي لاءِ جوڙيل اسڪيمون) جي بنياد تي اقتصادي معاشرو جوڙي انسانن کي ان وڏي لعنت کان بچايو. "جيڪو مئل زمين



کي جياري، اها زمين ان جي آهي." اهڙن زرعي سڌارن جي ذريعي هاري طبقي کي سندس حقَ واپس ڪيا. زڪواة سان رواداري، ڀائپي ۽ همدردي وارو سماجوادي نظام جوڙيو ۽ وراثت جو قانون جاري ڪري دولت جي تقسيم ڪئي تہ جيئن معاشي وسيلا سرمائيداريت قائم ڪرڻ جي بجاءِ وڏي پيماني تي ورهائجي وڃن.

غلاميءَ جو هڪ ٻيو قسم علمي غلامي هئي. اسلام کان اڳ ۾ انسان تہ ڇا پر علم بہ آزاد نہ هو. علم تي مخصوص راهبن ۽ احبارن جو قبضو هو، جيڪي ان کي سرمائيدارن جاگيردارن ۽ بادشاهن جي فائدي لاءِ استعمال ڪندا هئا. عوام کي علمي حقيقتن کان پري رکيو ويندو هو. غريب عوام کي علم حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. خدا ۽ ٻانهن جي وچ ۾ فاصلو پيدا ڪيو ويو هو ۽ عوام کي ديوتائن جي پوڄا تائين بند ڪيو ويندو هو. پاڻ ﷺ علم کي الله جي نعمت قرار ڏنائون. ان سمنڊ مان سڀني کي حصو حاصل ڪري وٺڻ جو حڪم ڪيائون. ضروري علم، جيترو پنهنجي شخصي صلاحيتن کي سنوارڻ ۽ معاشري ۾ پنهنجي ذميوارين نڀائڻ لاءِ ضروري هجي، ان کي لازم ڪيائون. جيئن عبادت لاءِ مسجد جي اداري جو وجود پيو تيئن علم جي واڌاري لاءِ درسگاهہ جي اداري کي قائم ڪيو ويو. پهريان علم آزاد نہ هيو، پاڻ ان کي هميشہ آزاد ڪري ڇڏيائون. اهڙي آزدي جو مؤرخ ۽ دانشور هن ڳالهہ لکڻ تي مجبور آهن تہ "هاڻي علم کي ڪير بہ غلام نٿو بڻائي سگهي."

آخر ۾ نفساني خواهشن جي غلامي، انسان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي نفس جو غلام بڻائي ڇڏيو هو. اخلاقي طورتي افرادن جي صحيح نشوونما نہ هجڻ ڪري معاشرو طرحين طرحين جي براين جو ڳڙهہ بڻجي چڪو هو. هڪ طرف مذهبي ٽولو حق جو پرچارڪ ۽ نجات جو ذريعو بڻجي پنهنجي پيداگيريءَ جا گهڻ گهيڙ بڻائي چڪو هو تہ ٻئي طرف وري عوام پاڻ بہ مذهبي راهبن ۽ احبارن کي تحفا ۽ مال ملڪيت ڏئي گناهہ بخشرائڻ کي سعادت سمجهندو هو. پاڻ ڪريمن ﷺ علمن جي فطري طريقن ۽ مقصدن جي تعليم ڏئي انساني معاشري کي اخلاقي لحاظ کان سوڌيو ۽ سنواريو. انسان ۾ جوابدهي ۽ ذميواري جو احساس بيدار ڪيو. سندن تعليم هي هئي تہ توهان پنهنجي ايمان ۽ عمل صالح سان باطني قوتن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪري پنهنجي بہ نشوونما ڪريو ۽ معاشري کي بہ سنوارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو. جيڪڏهن توهان انهن کي غلط طريقي سان استعمال ڪيو تہ توهان ۾ شيطانيت جي غلبي جي ڪري توهان انسانيت کان بہ هيٺ ڪري پوندؤ. جيڪڏهن انقلاب جي معنيٰ استبداد ۽ ظلم کي ختم ڪرڻ آهي تہ بيشڪ هي حجازي انقلاب دنيا جو وڏي ۾ وڏو انقلاب آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ ان انقلاب جا رهبر ۽ اڳواڻ آهن. جن جو هر قدم ظلم جي خلاف اٿندڙ هو ۽ هر عمل استبداد جي خاتمي لاءِ هو، جيڪو معاشي، سماجي، مذهبي، علمي يا نفساتي ميدان ۾ انسانن جي مٿان مسلط ڪيو ويو هو. حقيقت هي آهي تہ هينئر بہ دنيا جو حقيقي انقلاب قرآن جي ٻڌايل اصولن ۽ پيغمبر جي اختيار ڪيل حڪمت عملين ۽ طريقي جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ ناممڪن آهي.

علامہ عبدالله منهاس

# مشرقي ٻولين ۾ قرآن مجيد جا ترجما

شروعات ۾ مسلمانن جي اها ڪوشش ۽ خواهش رهي ته قرآن مجيد جي اشاعت پنهنجي اصل زبان عربي ۾ ئي ٿئي. اسلام ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو هن ڪتاب کي عربي ۾ ئي پڙهن ۽ سمجهن. الجزائر کان اندلس تائين ڦهليل اسلامي حڪومت ۾ جڏهن پهريون دفعو بربري زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو ويو ته ان وقت جي عالمن ان جي شديد مخالفت ڪئي تان جو ان ترجمي جو ڪو نشان به باقي نه ڇڏيو ويو.

هندستان ۾ قرآن مجيد جو پهريون فارسي ترجمو فتح الرحمان جي نالي سان امام شاه ولي الله محدث دهلوي رحہ جن ڪيو. ان ترجمي جو هڪ قلمي نسخو دارالعلوم اسلاميہ پشاور ۾ موجود آهي ۽ ڪيئي دفعا شايع ٿي چڪو آهي. ان وقت جي عالمن حضرت شاه صاحب رحمة الله عليه جي ان فارسي ترجمي ڪرڻ جي شديد مخالفت ڪئي تان جو مسجد فتح پوري دهلي ۾ شاه صاحب رحمة الله عليه جن کي قتل ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي وئي. مگر پوءِ آهستي آهستي تعصب گهٽ ٿيندو ويو، ان جي لڳ ڀڳ دور ۾ سنڌ جي هڪ روحاني شخصيت حضرت مخدوم نوح سروري رحمة الله عليه جن به فارسي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو هيو، جيڪو نهايت مستند سمجهيو وڃي ٿو.•

مگر قرآن مجيد جو آڳاٽو فارسي ترجمو اهو ليکيو ويندو جيڪو مصلح الدين شيخ سعدي شيرازي رحمة الله عليه (متوفي 691هه) ۾ ڪيو هيو. ان کان پوءِ ان زبان ۾ ڪيترائي ترجما شايع ٿيا آهن. بروئنٽ پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ فارسي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو اصفهان ۾ ڇپيو هو. دهلي جي فاروق پريس 1315هه ۾ هڪ ترجمو ”ترجمة الثلاثہ“ جي نالي سان شايع ڪيو. ان جي تمهيد اردو زبان ۾ آهي، ترتيب هن طرح آهي: پهرين سٽ ۾ عربي زبان ۽ ٻي سٽ ۾ فارسي ترجمو، ٽين سٽ ۾ لفظي اردو ترجمو، چوٿين سٽ ۾ بامحاوره ترجمو. فارسي ترجمو شاه رفيع الدين دهلوي رحمة الله عليه جو ڏنل آهي. قرآن مجيد جو هڪ ترجمو ڊاڪٽر امام الدين امرتسري جو آهي جيڪو رومن اردو ۾ ڪيو ويو آهي.

قرآن مجيد جا جيڪي ترجما اردو ۾ ڪيا ويا آهن، انهن ۾ شاه عبدالقادر ابن شاه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه جو ترجمو نهايت مستند ۽ عالمانہ حيثيت رکي ٿو. حاشيي تي ”موضح القرآن“ ذريعي وضاحتون به ٽيل آهن. 1790ع ۾ پهرين دفعي شايع ٿيو. اردو

• برصغير ۾ سڀ کان پهريون فارسي ترجمو سنڌ جي روحاني شخصيت حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه ڪيو هو جيڪو نهايت مستند سمجهيو وڃي ٿو. اهو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ جي پاران شايع ٿي چڪو آهي. (ادارو)



زبان ۾ ٻيو ترجمو شاه رفيع الدين ابن شاه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه جن جو به شايع ٿيل آهي. ان زماني ۾ سيد شاه حقاني هڪ ترجمو ۽ تفسير اردو زبان ۾ ڪيو. حڪيم محمد شريف دهلوي جو ترجمو به دهلي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ اردو ٻوليءَ ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد جي ترجمي، جيڪو سندس تفسير ترجمان القرآن ۾ شامل آهي. شمس العلما مولوي نذير احمد ۽ مولوي فتح محمد جالندهري جي ترجمن کي وڏي اهميت ۽ مقبوليت حاصل آهي. سيٺ يعقوب حسن جيل ۾ رهي قرآن مجيد جي هڪ مضمون جي سمورين آيتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جو ترجمو ڪيو آهي. اها نهايت بهترين ڪاوش آهي. تفسير بيضاوي جي عربي متن سان گڏ ان جو مڪمل ترجمو ملاياجي زبان ۾ ڪيو ويو آهي، ان جون ٽي ايڊيشنون ڇپجي چڪيون آهن. افريقا ۾ گهڻو مقبول آهي.

قرآن مجيد جو ترجمو پشتو زبان ۾ به ڪيو ويو آهي. گجراتي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو حاجي غلام علي حاجي اسماعيل رحماني ايڊيٽر ”راهِ نجات“ ان طرح ڪيو آهي ته هڪ صفحي تي اصل عربي متن، ان جي سامهون اهي آيتون گجراتي حرفن ۾ ۽ ان جي هيٺان گجراتي ترجمو ڏنو ويو آهي. هندي ۾ قرآن مجيد جو پهريون ترجمو الور رياست جي راجہ سروگ هڪ عراقي عالم کان 270هه ۾ ڪرائڻ شروع ڪيو.• هي ترجمو سورة يٰسين تائين مڪمل ٿيو. راجہ ان ترجمي جي ڪري دل سان مسلمان ٿي ويو هو. هندي زبان ۾ هڪ ترجمو ڊاڪٽر احمد شاه مشنري مقيم هميرپور شايع ڪرايو، بامحاوره ٻولي ۾ آهي. هڪ هندي ترجمو خواجہ حسن نظامي جن جو آهي. هڪ صفحي تي عالمگير اورنگزيب بادشاه جي هٿ سان لکيل عڪسي قرآن مجيد جو عڪس آهي، ان جي سامهون هندي حرفن ۾ اردو ترجمو نذير احمد جو آهي، ان کان پوءِ پوري صفحي ۾ هندي زبان ۾ تفسير آهي. هي ترجمو ڇهن سالن ۾ پنجن سنسڪرت جي ڄاڻو عالمن کان ڪرايو ويو آهي. ضخامت نوسو صفحا آهي.

فرانس جي هڪ رسالي ريويوڊ موندمزلمان ذريعي معلوم ٿيو ته قرآن مجيد جو ترجمو نواح باطوم زبان ۾ به شايع ڪيو ويو آهي.

هڪ ترجمو چيني ٻولي ۾ شايع ٿيو آهي. عربي متن کان پوءِ چيني زبان ۾ ترجمو ٿيل آهي. 1927ع ۾ هڪ غيرمسلم چينيءَ هڪ انگريزي ترجمي کي چيني ۾ تبديل ڪيو. جيڪو غلط هو. عالمن ان کي هلڻ ڏنو. شنگهائي ۾ هڪ يهوديءَ چيني زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ قادياني مولوي محمد علي جي ترجمي جي مدد ورتي مگر ان کي به عالمن ناپسند قرار ڏنو. نيٺ 1933ع ۾ جديد چيني زبان ۾ قرآن جو ترجمو شايع ٿيو، پڻ عالمن کان مدد ورتي وئي انهن ۾ هڪ جامعہ ازهر جو تعليم يافتہ هو. هي ترجمو پوري ملڪ ۾

• هي ترجمو الور جي راجہ مهروڪ سنڌيءَ ۾ ڪرايو هو جيڪو ليڪ هنديءَ جو ڪري ڄاڻايو آهي. (ادارو)

مشهور ٿيو ۽ مقبول آهي. جاپاني زبان ۾ پهريون قرآن مجيد جو ترجمو شيخ عبدالرشيد ابراهيم ڪيو. جنهن ۾ جاپاني عالمن جي مدد ورتي وئي آهي. جاوي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو سمارنگ ڊڪري (بيٽويا) 1913ع ۾ سؤ سؤ صفحن ۾ الڳ الڳ حصن ۾ شايع ڪيو. ان جي طباعت نفيس آهي. برهمي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو مسٽر يوبا اوه جي آئي ايچ ڪيو، جنهن جو اسلامي نالو احمدالله آهي ڪيو. ان کي شايع ڪري مفت تقسيم ڪيو ويو. برهمي زبان ۾ هڪ ترجمو مولوي رحمت الله مسلم شروع ڪيو، جيڪو جدا جدا سيپارن جي شڪل ۾ شايع ٿيو.

جاوي زبان ۾ هڪ قديم ترجمي جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي. 1908ع ۾ آسٽريليا جي هڪ مشنري ريورنڊ وليم گولڊٽيڪ بنگالي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو عربي متن سميت شايع ڪيو.

حڪيم صوفي مير محمد يعقوب قرآن مجيد جو ترجمو مرهٽي زبان ۾ بمبئي مان شايع ڪرايو. مير عثمان علي خان حيدرآباد دکن مترجم کي گران قدر انعام عطا ڪيو. قرآن مجيد جا جُلد مرهٽي مدرسن ۾ ڏنائين، مترجم کي ماهوار وظيفو تاحيات مقرر ڪيائين. مسٽر نارائن راڊايم قرآن مجيد جو ترجمو تليگو زبان ۾ ڪيو ۽ شايع ڪرايو. ايس اين ڪرشن راؤ جيڪو رسالي ”سد گرو“ جو ايڊيٽر آهي، قرآن مجيد جو ترجمو مليالم زبان ۾ ڪيو آهي. بنگلور جي دارالاشاعت قرآن مجيد جو ترجمو ”ڪناري“ زبان ۾ ڪيو آهي، جيڪا ڏکڻ هندستان جي عام ٻولي آهي.

ترڪي زبان ۾ ترجمن جي بجاءِ تفسير وڌيڪ شايع ڪيا ويا آهن. هڪ خوبصورت تفسير 1320هه ۾ قسطنطنيه مان بخاريہ پريس مان شايع ٿيو. ابراهيم حلمي طرفان ترجمة القرآن جي نالي سان ترڪي زبان ۾ ترجمو شايع ڪيو ويو. مشرقي آفريقا جي سواحلي زبان ۾ قرآن مجيد جو پهريون ترجمو عيسائين شايع ڪيو. هي ترجمو ناهي بلڪ اسلام تي تنقيد آهي. هڪ ترجمو نيروبي مان شايع ٿيو، ٻيو ترجمو زنجبار مان شايع ٿيو آهي، جيڪي عيسائين جي معاندانہ روش جو مثبت جواب ڏين ٿا.

ڊاڪٽر جوزف رولن قرآن مجيد جو عبراني ٻولي ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر موصوف عربي ۽ عبراني ٻنهي ٻولين تي مهارت رکي ٿو.

مصري حڪومت قرآن مجيد جو ترجمو يورپ جي مختلف زبانن ۾ ڪرڻ لاءِ هڪ ادارو قائم ڪيو آهي. هن کان اڳ مصري عالم قرآن مجيد جو ترجمو غير عربي ٻولي ۾ ڪرڻ جا شديد مخالف هئا. پر هاڻي انهن ۾ خوش گوار تبديلي اچي چڪي آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن مجيد جي پيغام کي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ پهچائڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي عالمي سطح تي محسوس ڪيو ويو آهي.



نور احمد ميمڻ

# آزاديءَ لاءِ سورهيه بادشاهه جو ڪردار

شهيد صبغت الله شاهه راشدي رحمة الله عليه سنڌ جي آزاديءَ جو اهو يگانو هيرو آهي، جنهن ١٢ سالن جي عمر کان ئي انگريزي اقتدار سان نفرت جو آغاز ڪيو ۽ سڄي عمر انهن جي خلاف ويڙهه وڙهندي پنهنجي سر جو نذرانو ڏنو. هو آزاديءَ جو علمبردار هو، اهڙو علمبردار جهڙو حضرت موسيٰ عليه السلام آزاديءَ جو علمبردار هو.

انسانن جي آزادي الله تعاليٰ کي گهرجي ٿي. انهيءَ ڪري جو انسان جيڪڏهن ڏاڍن ۽ سرڪشن جو غلام هوندو تہ الله جي عبديت ۽ ٻانهپ سرانجام ڏئي نہ سگهندو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جڏهن پيغمبرن کي موڪليو پئي تہ انهن جي پهرين ذميواري اها رکي تہ هو انسان کي غلامين کان نجات ڏيارين. حضرت موسيٰ فرعون ڏانهن هليو ويو ۽ اعلان ڪيو تہ بني اسرائيل کي آزاديءَ ڏي. اهوئي ڪم حضرت محمد ڪريم صہ بہ ڪيو جو هُن حجاز جي ماڻهن کي سردارن دولتمندن ۽ مذهبي پروهتن جي غلاميءَ مان ڪڍيو. جيئن نبوت جي ذميوارين ۾ اها ڳالهه رهي تہ اُهي الٰهه يعني عبديت ۽ غلاميءَ جو سڀ صورتون لاالٰهه جي فڪر ۽ پروگرام سان ختم ڪن ۽ الا الله جي صرف هڪ ٻانهپ ۽ عبديت جو فڪر انسانن ۾ غالب ڪن، تيئن نبوت جي پڇاڙيءَ ڪانپوءِ هن امت جي سڌارڪن عالمن جي مٿان اها ذميواري پئي تہ اهي انسانن کي غلاميءَ جي پنجوڙ مان خلاصگي ڏين. جيئن الله تعاليٰ پيغمبريءَ جي استعداد ۽ صلاحيتن وارن ماڻهن کان اهو ڪم پئي ورتو تيئن نبوت جي خاتمي ڪانپوءِ مصلحن جي استعداد ۽ صلاحيتن وارن ماڻهن کان چونڊي چونڊي اهو ڪم ورتو. سنڌ جي بزرگ عالمن ۽ مصلحن انهيءَ ڪم لاءِ هر دور ۾ پاڻ ملهايو. مخدوم بلاول شهيد کان وٺي شاهه عنايت شهيد تائين ۽ حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي کان وٺي سيد صبغت الله شاه راشدي اول ۽ ثاني تائين هڪ باقائدي سلسلو آهي، جنهن ۾ انهن انساني غلامين جي خاتمي ۽ انساني آزادين جي بحاليءَ جي لاءِ جدوجهد قربانين ۽ شهادتن جي بيمثال تاريخ لکي آهي.

اسان جو اڄوڪو ليڪچر پير محمد راشد روضي ڌڻي چيئر جي پاران ٿي رهيو آهي. اهو پير محمد راشد روضي ڌڻي سنڌ ۾ توحيد جي دعوت جو سڀ کان وڏو داعي ٿي اڀريو. هو سنڌ جي چپي چپي ۾ ويو. پڇاڙي ڪانپوءِ جنهن شخص سنڌ جي برن بيابانن ۽ صحرائن جي انتهائن کي ڇهيو سو پير محمد راشد روضي ڌڻي هو. هُن ٿرپارڪر جو ٿر بہ ولوڙيو ۽ اڇڙو ٿر بہ اڪاريو. جيسلمير بہ ويو تہ ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ بہ ويو. ۽ اتي وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ ويو ۽ توحيد جي دعوت ڪٽي ويو. اها توحيد جي دعوت ڇا آهي؟ توحيد لفظ جو موجوده دور ۾ هم معنيٰ لفظ آهي آزادي. انساني غلاميءَ جو خاتمو ۽

انساني آزادين جي بحالي. پير محمد راشد روضي ڌڻي جماعت تيار ڪئي. حر جماعت يعني آزاد انسانن جي جماعت. انهن کي فڪر ڏنو ته اهي وهم پرستين کان آزاد هجن، اهي پير پرستين کان آزاد هجن، اهي سردار پير مير ۽ وڏيري جي غلاميءَ کان آزاد هجن. اهي هر پاسي کان باغي هجن ۽ صرف هڪ پاسي جا ٻانها ۽ وفادار هجن، يعني الله جا وفادار ٻانها. هُن سنڌ جي ماڻهن کي شعور ڏنو ته اهي پنهنجي مرتبي ۽ مقام جو شعور حاصل ڪن. انسان خدا جو نائب آهي، خدا جو خليفو آهي، هو پنهنجي مقام کي سڃاڻي. جنهن پنهنجو پاڻ سڃاتو تنهن پنهنجو خدا سڃاتو. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي شخصيت جي شعور کي حاصل حاصل ڪن، پنهنجي شخصيت کي سربلند ڪن، هو در در جا ڳيجهو نه بڻجن، هو خواهشن جا ڳيجهو نه بڻجن، هو دولت جا پڄاري نه بڻجن، هو ذات جا غلام نه بڻجن، هو پوتارن ۽ مشائخن جا غلام نه بڻجن، هو مرد حر بڻجن، هو اشرف المخلوقات بڻجن. هو ان منصب کي تڏهن حاصل ڪري سگهندا جڏهن الله جي صفتن جو عڪس پاڻ تي وجهندا. الله جي صفتن جو شعور، الله جي اخلاقن جو شعور ڇا آهي. اوهان حضرت روضي ڌڻي جو ڪتاب شرح اسماءِ الله الحسنيٰ پڙهي ڏسو. اوهان ان ۾ الله جي صفتن جو تعبد پڙهي ڏسو، اوهان ان ۾ الله جي صفتن جو تخلق پڙهي ڏسو، اوهان ان ۾ الله جي صفتن جو تعلق پڙهي ڏسو. ڏسو ته ڪيئن حضرت روضي ڌڻي انسان کي خدا رتو انسان بڻائي، ڪيئن انسانن جي مٽان خدا جي رنگن جا ڪينواس جوڙي ٿو.

حضرت سچل سرمست چيو هو ته ”اهڙا ڪم ڪريو جنهن سان اوهان الله جي صفتن جا مظهر بڻجو.“ سچل حضرت محمد ڪريم جي هن ڳالهه کي اڳتي وڌايو هو ته ”تخلقوا باخلاق الله“ اوهان پاڻ کي الله جي اخلاقن سان سنواريو، الله جي صفتن سان پاڻ کي سنواريو. انسان مٽيءَ جو ٺهيل، پر جڏهن الله جي اخلاقن جو رنگ پاڻ تي رنگي وٺي ته سندس رتبو فرشتن کان به مٿي ٿي وڃيس ٿو.

اها ئي الله جي خلافت آهي ۽ اهائي الله جي نيابت آهي. انسان ان ظرف جو اهل بڻيو آ. پير محمد راشد روضي ڌڻي هتان جي انسانن کي مثالي انسان بڻائڻ لاءِ جهد ڪئي، جاکوڙ ڪئي ۽ سنڌ جا ٻر ۽ ٽر جهاڳيا. سال جا ڏهه مهينا سفر ۾ رهندو هو. هيءَ حر جماعت ايئن گهر ويٺي ڪونه جڙي آهي. هنن جي فدائيت هنن جي اطاعت جيڏي مثالي ۽ مضبوط آهي، ان جي پٺيان حضرت روضي ڌڻي جي محنتن ۽ محبتن جو هڪ ڊگهو داستان آهي.

انهن محنتن ۽ محبتن کان ڪم ورتو حضرت سورهيه بادشاه پير صبغة الله راشدي. هُن حرن جي فدائيت کي پنهنجي ذات مٿان نه گهوريو، پر سنڌ جي آزادي تان گهوريو. سنڌ آزاد ٿئي ته برصغير جي آزاديءَ جو پيش خيمو بڻجي، برصغير آزاد ٿئي ته ايشيائي قومن جي طاقت بڻجي. ايشيا طاقتور ٿئي ته دنيا جي انهن سڀني قومن جي آزاديءَ جو پرچهلو ٿئي جيڪي مغرب وارن تي سؤ سالن کان وٺي غلام بڻائي رکيون آهن. غلاميءَ ۾ انهن غاصبن قومن جي تعليم کي تباهه ڪيو، انهن قومن جي معيشت کي تباهه ڪيو. اوهان ڪنهن قوم جي تعليم کي غلاماڻو بڻايو، اوهان معيشت جي تباهي آڻيو، ان قوم جو اخلاق ۽ ڪلچر پاڻهي تباهه ٿيندا. اهي ٻئي تباهه ٿيا ته ذهن به غلام بڻجي ويندا. پوءِ



غلاميءَ جا هيراڪ نسل پيدا ٿيندا ويندا. عوام جي اڪثريت غلاميءَ تي ڇڙ ڪائڻ ڇڏي ڏيندي. جيڪڏهن ڪي آزاديءَ جا متوالا پيدا ٿيندا ته قوم جي اڪثريت انهن کان ڪٽيل هوندي. پوءِ حاڪم ڦورو طبقا انهن ڳڻ ڳٽين آزادي پسندن کي نهوڙي ناس ڪرڻ لاءِ پورو وس هلائيندا آهن.

ته پير صبغت الله صرف اسان جو هيرو ناهي، هو دنيا جي سڀني غلام قومن جو هيرو آهي. اسان ان جي آزاديءَ واري جدوجهد کان برصغير کي آگاهه ڪونه ڪيو آهي. ايشيا ۽ آفريقا جي قومن کي آگاهه ڪونه ڪيو آهي. حقيقت هي آهي ته انهيءَ آزاديءَ واري ويڙهه کان اسان پاڻ به هاڻي آگاهه ٿيا آهيون. اسان جو الميو آهي ته اسان پنهنجي قومي هيرن جي باري ۾ تڏهن سنجيده ٿيندا آهيون جڏهن ٻاهريان دانشور ٻڌائيندا آهن ته توهانجو فلاڻو ماڻهو عظيم آهي. ڀٽائيءَ کي اسان ايامن کان وٺي ڪاني ڪرامتي بزرگ پئي سمجهيو. جڏهن ايچ ٽي سورلي ”شاه لطيف آف ڀٽ“ لکي اسان کي ٻڌايو ته ڀٽائي مفڪر آهي، ڀٽائي فلاسفر آهي، ڀٽائي سماج سڌارڪ آهي ۽ ڀٽائي دنيا جي سڀني وڏن غنائي شاعرن جو سرتاج شاعر آهي. پوءِ اسان کي پڪ ٿي ته ڀٽائي عظيم مفڪر، مصلح ۽ شاعر آهي. شهيد صبغت الله راشديءَ لاءِ به جڏهن برٽش لائبريريءَ مان انگريزن جورڪارڊ پڙهيو ويو ته پوءِ پڪ ٿي ته هو رڳو پير ڳوٺ جي مريداڻي جماعت جو شيخ ۽ رهبر ڪونهي پر سڄي دنيا جي آزادي پسندن جو هيرو آهي. اسان ان رڪارڊ کانپوءِ مڃيو ته حر تحريڪ دهشتگرد تحريڪ نه هئي، حر تحريڪ حر جماعت جي تحريڪ نه هئي، حر تحريڪ سورهيه بادشاهه کي سنڌ جو شهنشاهه بنائڻ جي تحريڪ نه هئي، بلڪ حر تحريڪ سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ هئي. گوريلا تحريڪ، اهڙي گوريلا تحريڪ جنهن جي آغاز وقت انهن کي اٺ بندوقون به ڪونه هيون. اڄ دنيا تي حڪومت ڪندڙ دنيا جي سپر پاور سان ويڙهه جي تياري ٿئي ٿي. سورهيه بادشاهه غازين جو نئون فورس جوڙي ٿو. چوي ٿو ان ۾ اهي ميمبر هوندا جيڪي بندوق وارا هوندا. ڦلجي وڃو ۽ بندوقون حاصل ڪريو، بندوق جي هٿيار سان ويڙهه ۾ شامل ٿيو ته اوهان غازي آهيو.

انگريز جي چالاڪ ۽ مڪار حربن ۽ طريقن حر تحريڪ کي دهشتگرد تحريڪ قرار ڏنو ۽ اسان تماشو ڏسندا رهياسين. انگريزن ڇهه هزار ماڻهو ڀرتي ڪيا جن جو ڪم ئي اهو هو ته هو سورهيه بادشاهه جي شخصيت کي متنازعه بڻائين، ان کي ظالم ڪري بيان ڪن، حرن کي وحشي ڪري پيش ڪن. اهي ڇهه هزار ماڻهو ريلن ۾ اوطاقن ۾، مسيتن ۾ هر محفل ۾ ۽ هر ميلي ۾ پهچي انگريزن جي ڊيوٽي ڏيندا هئا ته جيئن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ شروع ڪيل سورهيه بادشاهه جي حر تحريڪ ۾ سنڌ جو عوام شريڪ نه ٿئي. ان تحريڪ کي قومي تحريڪ جي حيثيت حاصل نه ٿئي ۽ اها عوام جي اڪثريت کان ڪٽيل هجي. اوهان برٽش ميوزم جي ڪاغذن ۾ ڪرنل فلپ جو خط پڙهو جيڪو ان وقت سي آءِ ڊي جو ڪارندو هو. ان خط ۾ هُن سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ انهن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي رکڻ لاءِ جيڪي انگريزن حيلا ڪيا ۽ حربا هلايا، تنهن جو تفصيل پڙهو ته انسان جون اکيون کلي وڃن ٿيون. مڪمل خط ڊگهو آهي جيڪو هُن پنهنجي هڪ دوست کي سنڌ ۾ ڏنل ڊيوٽيءَ جي احوال طور لکيو هو. اهو اسان سنڌيڪا جي ڪتاب ”حر گوريلا

تحريڪ“ ۾ ڇاپيو آهي، هتي صرف ان جا ڪجھ ٽڪرا ڏجي ٿا، تہ انگريزن جي مڪارين جو پتو پوي.

هو لکي ٿو: ”سمٿ کي تہ تون سڃاڻندو هوندين. اهوئي ڪئپٽن سمٿ جنهن کي حرن مکي ٻيلي ۾ نڪ ۾ ناڪيلي وجهي ٻولي ناچ ڪرايو هو. اڄ ڪرنل اسٽون جي زال بہ آيل آهي. ڪرنل اسٽون حر تحريڪ وقت آپريشن ۾ هو تہ مان ساڳئي رينڪ ۾ انٽيليجنس ۾ هوس. ڪئپٽن سمٿ تہ اسان کان ڪافي جونيئر هئو، پر سنڌ ۾ سندس تجربو اسان کان وڌيڪ هو. آءٌ ۽ اسٽون آخري ٽريٽر ۾ سنڌ ۾ آيا هئاسون ۽ هندستان ۾ بہ اهو اسان جو پهريون سفر هو. اسان کي پهتي کي هفتا ٿيا هئا تہ لنڊن مان اطلاع آيو تہ جلدي ان ملاقات جا تفصيل موڪليو جيڪا پير آف پاڳارا ۽ سڀاش چندر بوس جي مکي ٻيلي ۾ ٿي آهي. توکي تہ ياد هوندو تہ سڀاش ۽ پير پاڳاري جي پهرين ملاقات انڊيا ۾ ٿي هئي. ان کان پوءِ ڪيتريون ملاقاتون ٿيون هيون، پر هن ملاقات تي وڌيڪ زور ڏنو پئي ويو.“

آءٌ هڪدم نواب شاهہ پهتس، پر ڪجھ معلوم ڪري نہ سگهيس. سيٺي ”خابرن“ کي گهرايم پر تفصيل حاصل ٿي نہ سگهيا. هوڏانهن سڀاش تہ سنياسين جو ويس ڪري گم ٿي ويو هو، سندس پتو ڪونہ ٿي پيو تہ ڪٿي آهي. ايسٽائين جو اسڪاٽليند يارڊ بہ سڄي دنيا ۾ ڳولڻ ۾ مصروف هو. آءٌ سانگهڙ ويس، اُتي بہ ملاقات جو تفصيل حاصل نہ ڪري سگهيس. ائين ڪجھ مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ مون پنهنجي لاءِ ميدان هموار ڪيو. سنڌي وڏيرن سان چڱي نموني ڏيٺ ويٺ ٿي، جو خاص انهن لاءِ لاهور ۽ ملتان مان ڪنجريون گهرايون ويندي‌ون هيون. ٻرگ روڊ ڇانوڻي جي اولهہ ۾ خاص جشن ڪيا ويندا هئا. سنڌ جو ذات وڏيرو ۽ سيٺيون اتي سلامي هوندا هئا.

اهو بہ سڻو ٿيو جو مسلم ليگ بنگال ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻو زور ورتو. جنهن ڪري هندو مسلم اتحاد ٽٽڻ شروع ٿيو ۽ آزاد سنڌ ۽ بنگال جي تحريڪن کي سبوتاز ڪيو. آزاد سنڌ جا اڳواڻ جدا جدا ٿي ويا ڪي ڪانگريس ۾ تہ ڪي مسلم ليگ ۾ اها ساڳي حالت بنگال سان ٿي. آزاد سنڌ جي تحريڪ تہ ايتريقدر سبوتاز ٿي، جو حر تحريڪ تي ڪابہ سياسي جماعت تحرڪ نہ وٺي سگهي. ڪوبہ سنڌي سياستدان حر تحريڪ جي حمايت نہ ڪري سگهيو. جو ٻنهي جماعتن جي هاءِ ڪمانڊ، حر تريڪ کي ڏاڙيل چئي ڌتاري ڇڏيو، ٻئي طرف اسان فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ سڄو هندستان ڇڏي سگهون ٿا پر ان وقت سنڌ ۽ بنگال کي نٿي ڇڏي سگهياسين. جو ڪراچي بندر دنيا ۾ مضبوط ترين بندر آهي. ٻيو ڪلڪتي بندر تي جيڪڏهن جاپانين سڀاش جي مدد ڪري قبضو ڪيو تہ ايشيا ۾ اسان جو خاتمو هو. اڄڪلهہ بہ انهن بندرن جي اهائي اهميت آهي، چين تہ ڪلڪتي لاءِ واجھ وجهي رهيو آهي. ايشيا ۾ انهن ٻنهي بندرن جي ڪري اسين تسلط قائم رکي سگهياسين، نہ تہ 1945ع ۾ سڄي ڏکڻ اولهہ ايشيا تي جاپان جو قبضو هجي ها.

ٻرگ روڊ جشن ڪانپوءِ گهڻن سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين سان واقفيت ٿيم، پر ملاقات جا تفصيل حاصل ڪري نہ سگهيس جو سانگهڙ جو معتبر وڏيرو هٿ نہ چڙهيو هو. اسان سانگهڙ مان راز هٿ ڪرڻ لاءِ ڪجھ پروگرام ٺاهيا، جي هي هئا:

1- سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين کان نفسياتي طرح راز اُڪلايا وڃن.



2- سندن ظلمن ۽ ڪڌن ڪرتوتن جاچٽا سندن سامهون آڻي، ڏي وٺ ڪئي وڃي.

3- ڪنهن بہ حر کي پڪڙي، اذيتن وسيلي راز حاصل ڪجن.

دوست! نمبر ٽيون تہ بلڪل بيڪار ثابت ٿيو. باقي پهرين ذريعي سان ٿوري معلومات حاصل ٿي. باقي ٻيو نمبر تہ اهڙو ڪامياب ويو جو عجب ٿو لڳي. آخر انهيءَ وسيلي ”سڀاس-سيد“ ملاقات جا تفصيل معلوم ٿيا. اها معلومات هڪ چڱي وڏيري حاصل ڪرائي ڏني. جنهن جي عيوض اسان انهيءَ جو نالو ”خانبهادر“ جي لقب لاءِ مٿي موڪليو.

تفصيل هيٺين ريت هئا:

1- آزاد سنڌ لاءِ گوريلا جنگ جو آغاز ڪجي.

2- گوريلا سکيا لاءِ جاپان ۽ جرمنيءَ جا گوريلا سپاهي مکي ۾ تربيت ڏيندا.

3- هٿيار جرمني ڏيندو (افغانستان جي معرفت) سبي کان پوءِ سنڌ ۾ ايندا. حر سبي مان هٿيار حاصل ڪندا.

4- حملا گڙنگ زميندار، سيٺين، خابرن، ٿاڻن، گاڏين ۽ فوجين تي ڪيا ويندا.

5- پاڳارو سنڌجو شهنشاهہ ٿيندو. حڪومت پارليامينٽ هلائيندي . (انگليند وانگر)

حرن جا حملا ايترا تہ شديد ٿي ويا جو جنهن وڏيري کي اسان ”خانبهادر“ جي لقب ڏيڻ جي سفارش ٿي ڪئي، سو حاضر خدمت ٿيو، مدد لاءِ ٻاڏايائين. هاڻي اسين بہ مجبور هئاسين، ڪري بہ ڇا ٿي سگهياسين. جرمنن جا حملا هڪ طرف، جاپانين برما ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن تي ٻئي طرف هلان ڪئي. سڀاش ۽ سندس پوئلڳ بہ، جاپانين، جي مدد ڪري رهيا هئا. ڪرنل اسٽون کي برگيڊيئر ڪيو ويو هو. سنڌ جي بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ ٻہ ڊويزن فوج جي گهر ڪئي سون. هند سرڪار کي بہ ڏاڍي ڏکيائي ٿي، جو سک ڊوگرا ۽ گورکا برما بارڊر ۽ سينگاپور موڪلي ڇڏيا هئائون. پنجاب، فرنٽيئر ڪور ۽ بلوچ ڪور وچ اوپر ملڪن ڏانهن ويل هيون. وري بہ ڀرتي شروع هئي تہ سينگاپور فوج موڪلي وڃي. سنڌ مان حرن خلاف فوج ڀرتي ڪرڻ ائين هو ڄڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ، جو اسين 1914ع ۾ ڏسي چڪا هئاسون تہ سنڌي فوجي حڪم جي تابع گهٽ ۽ عقل جي تابع وڌيڪ آهي، ۽ توکي خبر آهي تہ فوج ۾ حڪم هلندو آهي نہ ڪو عقل. هاڻي بہ جڏهن سنڌ ۾ حر تحريڪ شروع ٿي تہ 1914ع وانگي سنڌي فوجي، فوج ڇڏي اچي حرن سان شامل ٿيا. اهو بہ شڪر ٿيو جو سنڌي فوج ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا، جنهن جي ڪري ڪو خاص اثر نہ ٿيو. 1914ع وارو حادثو ياد ڪري اسان لکي ڇڏيو هو تہ ”سنڌي ماڻهو فوج لاءِ نااهل آهن، هنن کي ڪڏهن بہ فوج ۾ نہ ڪنيو وڃي.“ جيڪو مان ٻانيان ٿو تو اڄ ڏينهن تائين ملٽري ڪوڊ قائم هوندو. 1912ع ۾ حر تحريڪ کي پير صبغت الله (پهرين) پاڳاري زور وٺايو، ڇاڪاڻ تہ اها تحريڪ هڪ مذهبي تحريڪ هئي، جيڪا شهيد سيد احمد جي اصولن تي قائم ڪئي ويئي هئي. پر پير پاڳاري صبغت الله (ٻيو) بہ پنهنجي تحريڪ کي حر تحريڪ سان هلايو. فرق اهو هو تہ پهرين حر تحريڪ آزاد مسلمان تحريڪ هئي، پر هيءَ تحريڪ ”آزاد سنڌ“ وطنيت تي ٻڌل هئي، جيڪا پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ خوفناڪ ۽ خطرناڪ ٿي سگهي پئي. جنهن ڪري اسان پروپئگندا تمام گهڻي شروع ڪري ڇڏي ۽

مذهبي تحريڪ نہ هئڻ ڪري اسان مشهور ڪيو تہ پير پاڳارو پنهنجون ذاتي دشمنيون، انگريزن، هندن سيٺين ۽ سنڌ جي وڏيرن کان پاڙڻ چاهي ٿو ۽ ٻيا بہ ڪيترا الزام سندس شخصيت تي هنياسين، ايتري قدر جو سيٺ (مارڪس ڊي-سيٺ) بہ سندس آڏو هيچ نظر ٿي آيو. انهي سان اسان سادي طبيعت وارن سنڌين جون دليون بہ پاڻ ڏانهن مائل ڪري وڌيون سين، جيڪا اسان جي وڏي ڪاميابي هئي. اسان حرن کي ڌاڙيل مشهور ڪيو، پر جڏهن اڏيري لعل وٽ حرن گاڏي ڪيرائي، تڏهن هندستان جي ڪن ليڊرن هند جي وائسراءِ کان پڇيو تہ ڇا ڌاڙيل گاڏيون ڪيرائيندا آهن ۽ ان جي ڦرلٽ بہ نہ ڪندا آهن. هنن ليڊرن ۾ گانڌي اهوئي چيو هيو تہ اسين سمجهون ٿا تہ اوهين ڪنهن تحريڪ کي دٻائڻ چاهيو ٿا. چڱو ٿيو جو سڀاش جا انهيءَ وقت ڪانگريس سان اختلاف هئا ۽ انهيءَ سمي هو هندستان مان غائب هو نہ تہ هو ڪانگريس تي اٽسڏي طرح دٻاءُ وجهي برطانيہ سرڪار تائين واويلا ڪرائي ها.

دوست! انگريزن جنهن صوبي تي شروع کان اعتبار ڪيو هئو، سو هو پنجاب، هر ڏکئي وقت اسان کي اتان ئي مدد ملي. اسين ڪنهن تي بہ نہ ڀاڙيندا آهيون. پر، پنجاب کي اسين هند ۾ پنهنجي طاقت ڪري ڪوٺيندا هئاسين. هتان جي ماڻهن ڪڏهن بہ اسان سان غداري نہ ڪئي. سنڌ ۾ بغاوت، برما تي جاپان جي چڙهائي، سڀ فوجون رڌل هيون. انهيءَ وقت اسين حُر تحريڪ کي ڪيئن ٿي دٻائي سگهياسون. انهي ڏکئي وقت وري بہ اسان کي اهوئي پنجاب ڪم آيو. آئون تہ اهو چوندس تہ پنجاب انگريز جي تلوار وارو هٿ هو. پنجاب مان ڀرتي ڪري فوج سنڌ موڪلي ويئي، جيڪا ٻن ڊويزنن تي مشتمل هئي. انهيءَ ڪانپوءِ بہ اسان ڪجهہ فوج فرنٽيئر ڪور مان ۽ ڪجهہ نظام دڪن کان امدادي فوج حاصل ڪئي. هن ڀيري اسان فوج کي چيو تہ فتحيابي ڪانپوءِ سنڌ ۾ اوهان کي جاگيريون ڏنيون وينديون، خير جاگيرون تہ اڳ ئي سنڌي وڏيرن وٽ هيون. باقي سکر بئراج جون زميون ڪين ڏنيون ويون. دکن وارن کي خيرپور ۽ ڪراچي ۾ ورسايو ويو. دکن وارا تہ جلدئي سنڌي سکي ويا هئا. ڪجهہ سالن کان پوءِ اها تميز ڪرڻ بہ مشڪل ٿي وئي تہ اهي ڪي غير سنڌي آهن. حر تحريڪ ۾ سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين جو بہ چڱو تعاون رهيو. اسيمبلي ۾ چون چرا ڪانہ ٿي ۽ حرن جي چرپر کان واقف ڪندا رهيا. وڏيرن اتي پنهنجو فائدو مدنظر رکيو. ڪن اٻوجهن کي حر ڄاڻائي، پنهنجو ذاتي بدلو وٺندا هئا. اهڙا واقعا جام ٿيا، جنهن ڪري حر تحريڪ ۾ ٻين سنڌين بہ رد عمل تحت حصو ورتو.“

دوستو! هي ڪرنل فلپ جي خط جو متن جو چٽو ڪري ٻڌائي ٿو تہ انگريزن ڪيئن سنڌ جي عوام کي حر تحريڪ کان ڪٽي رکيو. انگريزن لاءِ سنڌ جي آزادي صرف سنڌ جي آزادي نہ هئي. سنڌين وٽ بهادري هئي، جڏهن ان بهادريءَ کي سيد صبغت الله راشديءَ جي اڏول قيادت ملي پئي تہ اها بهادري سڄي هندستان جي ارڏن آزادي پسند انسانن جي خون کي گرمائڻ جومحرڪ ۽ پيش خيمو هئي. هندستانين 1857ع جي جنگ آزاديءَ کان وٺي تحريڪ ريشمي رومال تائين ڪوششون ڪري ڏٺيون. مسلح بغاوتون ڪيون، خفيہ ويڙهيون وڙهيون. رٿابنديون ڪيون ۽ تحريڪون هلايون پر انگريزن جو سج ڏينهون ڏينهن چوٽيءَ تي ۽ تتل. اتي پهچي هندستان جي سيني ويڙهاڪ آزادي پسندن



سوچڻ شروع ڪيو تہ جيستائين هندستان ۾ هڪ مستقل خطو آزاد نہ ٿيندو تيستائين انگريزن جون پاڙون پٽجي نہ سگهنديون. پوءِ ان آزاد خطي مان برصغير جي آزاديءَ جي جنگ وڙهي ويجي.

پير صبغت الله راشدي حج تي ويو. اتي مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ملاقات ٿيس. هو ريشمي رومال تحريڪ جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ پنهنجي 19 سالہ جلاوطنيءَ جا ڏينهن اتي حرم شريف ۾ گذاري رهيو هو. سندس حوصلو پست نہ ٿيو، هو سڄي دنيا مان ايندڙ حاجين مان چونڊ انسان ڳولهي انهن کي انقلاب لاءِ تيار ڪندو هو. قرآن حڪيم جي انقلابي فڪر جي تعليم سندس ڏينهن رات جو مشغلو هو. پير صاحب کي چيائين تہ آزاديءَ جو آخري معرڪو اوهان آهيو. اوهان بي سرو سامانيءَ ۾ ويڙهہ وڙهي آهي. ٻي عالمگير جنگ ۾ انگريز ساڻو ٿي پيو آهي، موقعو هٿان نہ وڃائجي. هاڻي اوهان کي هند جا ٻيا ويڙهاڪ هٿيارن جي مدد ڏيندا. پوءِ اتي نئين ويڙهہ جي رٿابندي ٿي. پير صاحب موٽي آيو تہ مکي ٻيلي ۾ آزاد هند فوج جي سڀاش چندر بوس اچي ملاقات ڪيس. ان ملاقات انگريزن جو ننڊون ڦٽائي ڇڏيون. انگريز ٽرٽلي ۾ اچي ويو تہ پير ۽ سندس حرن کي هيڪلو ڪري پئي ماريوسين، هي بندوبست ڪٿان ٿيو. مکي ٻيلي ۾ هٿيار پهچڻ شروع ٿي ويا ۽ سڄي سنڌ ۾ رڻ ٻري ويو. انگريزن جي عياري ڪٿڻ جي ڪونہ هئي، هنن هندستان جي غلاميءَ جو نئون ٽڪساز جوڙيو. جلدي اعلان ڪيائون تہ عالمي جنگ مان واندا ٿي هندستان کي آزادي ڏينداسون. بس اعلان ڇا ٿيو هند جي سياسي پارٽين مزاحمت ڇڏي ڏني. پر ويڙهاڪن چيو تہ آزادي ۽ انقلاب جي لاءِ ويڙهہ ختم نہ ٿيڻ گهرجي. انگريز برصغير جي قومن کي آزادي ۽ انقلاب کان هر حال ۾ محروم رکندا، انڪري اها ويڙهہ ڪانسواءِ نہ ملندي. انڪري سڀاش ۽ پير وڙهندا رهيا.

سنڌ ۾ انگريزن جي مقامي دلالن انگريزن کي ٻڌايو تہ حر تحريڪ کي سيڪنڊ ڪمان ڪونهي. پير اڪيلي قيادت آهي، پير ويو تہ حر تحريڪ وئي. سنڌ جي عوام کي تہ اوهان اڳ ئي ان تحريڪ کان الڳ رکڻ ۾ ڪامياب ويا آهيو، سو پير صاحب ۾ هٿ وجهو. مقامي دلالن پير ڳوٺ جي هيڊ ڪوارٽر ڪوٽ جا سڄا نقشا بہ انگريزن کي مهيا ڪري ڏنا. پوءِ پير صاحب کي هٿ ڪرڻ جي لاءِ هندستان جي تاريخ جي سفاڪ ترين فوج ڪشي ٿي. ان فوج ڪشيءَ ۾ جنهن وحشت جو مظاهرو ڪيو ويوآها سڄي دنيا جي تاريخ ۾ بدترين آهي. ان جي ڪوٽ ۾ خاندان تي ۽ ان جي مرڪز ۾ حرن تي ڇا ڇا وهيو واپريو، ان جي تفصيل جو هينئر وقت ڪونهي. اوهان نوجوان آهيو اهي تفصيل ضرور پڙهو. اوهان ”مڙيا مٽي مڃ“ ڪتاب پڙهو. انهن ۾ ويڙهہ وڙهندو حرن جا انٽرويو پڙهو جن جي پوڙهپ ۾ بہ سندن نرڙ جي ريکائن مان بغاوت للڪاريندي نظر ايندي آهي. اوهان کي خبر پوندي تہ دنيا جي هنن ارڏن انسانن ۾ بنا هٿيارن جي دنيا جي هيءَ مشڪل ترين ويڙهہ ڪيئن وڙهي هئي ۽ هي ماڻهو بي ڪفن ڪيئن پئي ماريا ويا ۽ سڄي سنڌ ۾ هنن جي موت تي هنجون هارڻ وارو ۽ آواز اٿارڻ وارو ڪوبہ نہ هو.

هندستان ۾ ڪانگريس آزاد هند فوج جي مالڪي ڪري پئي پر سنڌ جي سياستدانن کي الائي ڪهڙو نانگ ڪکي ويو هو. سنڌ جو عوام آزاديءَ جي انهيءَ تحريڪ کان

ڪٽيل رهيو، اها ڳالھ تہ سمجھ ۾ اچي ٿي تہ انگريزن چالاڪي مڪاريءَ سان عوام کي ان تحريڪ کان ڪٽي رکيو. پر سنڌ جي اڳواڻن کي ان وقت کهڙي نانگ ڪکيو هو، جو هو ظلم ۽ زيادتيءَ جي انتها تي بہ اکر ڳالهائڻ جي لاءِ بہ تيار نہ هئا. انگريز اسمبليءَ مان ايڪٽ پاس ڪرايو ويو تہ حرن کي بغاوت جي سزا ڏجي. هيءَ کهڙي اسمبلي هئي جيڪا آزادي پسندن کي نهوڙڻ جي لاءِ ڏارين کي پروانا ڏئي رهي هئي. جيڪڏهن اسان انگريزن جي پروپيگنده جو ايڏو ئي شڪار هئاسين تہ اسان جو سياسي شعور ڪاڏي ويو هو. جيڪڏهن بزدلي ۽ ڪانئرائپ هئي تہ اها ايڏي وڏي پيماني جي ڇو جو سنڌ جي ان بهادر سپوت لاءِ دنيا جي آڏو ڪو احتجاج بہ رڪارڊ نہ ڪرائي سگهياسين. اسان ان حوالي سان تاريخ جا مجرم آهيون، عظيم شهيد جا ڏوهاري آهيون.

نوجوانو! اسان جي انهن جرمن ۽ ڏوهن جا اوهان کي ازالا ڪرڻا آهن. اوهان کي انهن مجرمن کي تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهارڻو پوندو. اوهان کي انهن ڏوهن جي فرد جرم عائد ڪرڻي پوندي. اوهان کي شهيد صبغت الله جي انهيءَ مشن کي اڳتي وڌائڻو پوندو. شهيد جي اها مشن اڃا تشنہ تڪميل آهي. هو آزاديءَ لاءِ وڙهيو ۽ اسان کي آزادي اڃا ملي ڪونهي. هتان گورو انگريز ويو آهي ۽ هتان جي اڇي ڪاري جون واڳون ڪاري انگريز جي حوالي ڪري ويو آهي. هتان جا ڪروڙين ماڻهو، آزادي، انقلاب ۽ ان جي ثمرات کان محروم آهن. حر برابر لوڙهن مان نڪتا آهن ۽ ساوا ستابا بہ ٿيا آهن پر سنڌ جو پنج ڪروڙ عوام جي اڪثريت ساڳي طرح ظلم جي چڪي ۾ آهي ۽ نا انصافين جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهي. شهيد صبغت الله جي جدوجهد انهيءَ جي لاءِ نہ هئي تہ سندس مريدن جا ڪجھ خاندان زماني جا لطف ۽ مزا وٺڻ جا اهل بڻجن. هُن هڪ لک 24 هزار پاڪباز انسانن جي تسلسل ۾ پنهنجي ڏاڏي حضرت روضي ڌڻي جي ان مشن کي اڳتي پئي وڌايو تہ انسان انسانن جي غلاميءَ مان نڪري اچن، انهن جي شخصيت بلند ٿئي ۽ اهي آزاد ۽ مرد حر انسان بڻجي ڌرتيءَ جي مٿان جنت نظير آزاد معاشرو قائم ڪن.

نوجوانو! اهو معاشرو آخر ڪير قائم ڪندو. ان لاءِ اوهان کي وڏي ويڙھ وڙهڻي پوندي. زماني جي اٿل پٿل سان ان ويڙھ جا انداز وسيع ٿيا آهن. جتي سورهيہ مرين سوپ کي هجي ٿي اتي ان ويڙھ ڪانسواءِ چارو ڪونهي. جيئن جيئن سامراجيت انسانن کي اهنجن ڏيڻ جي طرف وڌي آهي. تيئن تيئن قومون پنهنجي نسلن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻچن جا ٻليدان ڏيڻ ۾ ڪيٻايو ڪونهي. پر قومن هينئر ويڙھ جو هي انداز بہ اختيار ڪيو آهي تہ هيومن ڊولپمينٽ ۽ اقتصادي ترقي جي مسابقت سان سامراج جو مقابلو ڪيو وڃي. هن انداز سان ڪجھ قومن تہ ڇيھ ڪري ڇڏيا آهن. اسان پنهنجي شخصيتن جي تعمير ۽ تعليمي ترقي سان اقتصادي ترقيءَ جون منزلون ماڻي سگهنداسون. انهيءَ ڪري مسابقت جي هن انداز کي بہ اپنايو ۽ پنهنجي قومي آزاديءَ جي سفر کي اڳتي ڪيو. اهوئي اسان جي اڄوڪي ليڪچر جو پيغام آهي.

*(شاھ لطيف يونيورسٽي جي علامہ آءِ آءِ قاضي هال ۾ ڏنل ليڪچر 22 مارچ 2010ع)*



# حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جون سرگرميون

7- مارچ تي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ ۾ ماهانہ حڪمت قرآن ليڪچر ٿيو، وفاقي شرعي عدالت اسلام آباد جي محترم جسٽس شهزادو شيخ صاحب ”قرآن حڪيم جي هدايت“ جي موضوع تي نهايت عالماڻو ليڪچر ڏنو.

22- مارچ تي شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس ۾ يونيورسٽيءَ ۾ قائم ”پير محمد راشد روضي ڌڻي چيئر“ جي پاران ” آزاديءَ لاءِ حضرت سورهيہ بادشاھ جو ڪردار“ جي عنوان سان جناب نور احمد ميمڻ جو ليڪچر ٿيو. ليڪچر کان پوءِ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر عبدالله ٿلهو جي آفيس ۾ استادن سان ڪچهري ۽ ضيافت ٿي. ساڳئي ڏينهن تي خيرپور ميرس ۾ صبح جو سنڌ جي معروف عالم دين حضرت مولانا مير محمد هنجراھ سان انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ملاقات ڪري سنڌ ۾ قرآن حڪيم جي دعوت ۽ توحيدي فڪر جي ڦهلاءَ لاءِ مختلف تجويزن تي ڳالهيون ڪيون.

4- اپريل تي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ ۾ ماهانہ حڪمت قرآن ليڪچر ٿيو. وفاقي شرعي عدالت اسلام آباد جي محترم جسٽس شهزادو شيخ صاحب ”صراط مستقيم“ جي موضوع تي پر مغز ليڪچر ڏنو.

10- اپريل تي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي پاران مدرسہ اويس قرني پنگوار ڪالوني نوابشاھ ۾ شهيد بينظير آباد ۽ سانگهڙ ضلعن جي شاگردن جو تربيتي ورڪشاپ ٿي گذريو. ورڪشاپ ۾ انسٽيٽيوٽ جي تعليمي نگران حڪيم الاسلام مولانا محمد سليمان طاهر، مولانا محمد انس راڄپر، مولانا عبداللطيف نانگراج ۽ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر جناب نوراحمد ميمڻ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ بعد نماز مغرب شروع ٿيو. سڀ کان پهريائين جناب نوراحمد ميمڻ انسٽيٽيوٽ جي مقصدن بابت شاگردن کي آگاھ ڪيو ۽ انسٽيٽيوٽ ۾ جاري ڪورسن جي تفصيل تي روشني وڌي. عشا نماز کان پوءِ حڪيم الاسلام حضرت مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جن برصغير ۾ قرآن حڪيم جي دعوت ۽ تعليم جي لاءِ حضرت امام شاھ ولي الله جي شروع ڪيل تحريڪ تي تفصيلي روشني وڌي. بعد ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ عربي فارسي مخطوطن جي نگران حضرت مولانا محمد انس راڄپر قرآن حڪيم جي تعليمات واري فيض کي عام ماڻهن تائين رسائڻ جي ضرورت ۽ طريقن تي شاگردن جي رهنمائي ڪئي. آخر ۾ انسٽيٽيوٽ ۾ مختلف ڪورسن جي شاگرن کي سندن ڪورسن ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ حل طلب جوابن بابت رهنمائي ڪئي وئي ۽ ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر مدرسه اويسيه جي مهتمم حضرت مولانا عبدالستار پٽيءَ جا سڪ واري مهمانداريءَ تي بيحد ٿورا مڃيا.

11- اپريل تي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي مٿين اراڪين پير جهنڊي جي موجوده سجاده نشين پروفيسر سيد عبادالله راشدي سان سنڌ جي قديم تعليمي ۽ دعوتي مرڪز پير جهنڊو ۾ ملاقات ڪئي. راشدي صاحب جن سان سنڌ ۾ توحيد جي دعوت کي سرگرم ڪرڻ لاءِ مختلف ويچار ونديا. ان موقعي تي پير صاحب جن پير جهنڊي ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي يادگيرين جا مثالي واقعا وفد کي ٻڌايا ۽ پير سائين خلافت ڌڻي جي تفسيري مواد کي ڇپائڻ جي تجويز تي غور ويچار ڪيو ويو.

ساڳئي ڏينهن تي شام جو ٻاءِ باس نيشنل هاءِ وي حيدرآباد تي قائم آبادي ڪائنات بنگلوز ۾ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو حيدرآباد مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ شروع ڪيل ڪمن کي وڌائڻ جي پيشرفت ڪئي وئي. (رپورٽ: احمد علي شر بلوچ، ايڊمسٽريٽر حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ )